روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 19 مارچ 2024 ع بمطابق 08 رمضان المبارڪ 1445 هه (قيمت 10 روپيا) شمارو: 294

ڳجهي اطلاع تي پاڪستان جي افغانستان اندر ڪارروائي، دهشتگرد گروپ کي نشانو بنايو ويو

حافظ گل بهادر سان واسطو رکندڙ دهشتگرد گروپ آپريشن جو اهم ٽارگيٽ هو، اهو گروپ ڪالعدم ٽي ٽي پي سان ڳنڍجي پاڪستان ۾ دهشتگرد حملن جو ذميوار آهي: پرڏيهي ڪاتو

پاڪستان افغان عوام جو تمام گهڻو احترام ڪري ٿو. افغانستان ۾ اقتدار ۾ موجود ڪجھ عنصر ٽي ٽي پي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ان پاليسي تي نظرثاني تي زور ڏئي ٿو

دهشتگرد پاڪستان جي سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهن. دهشتگرد پاڪستاني حدن ۾ حملن لاءِ مسلسل افغان سرزمين استعمال ڪندا رهيا آهن. هڪ برادر ملڪ خلاف اهڙي قسم جو رويو ننڍي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو

گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ۾ افغان عوام لاءِ پاڪستان جي حمايت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪين گهرجي ته اهي پاڪستاني عوام سان گڏ بيهڻ جي واضح چونڊ ڪن

ڪالعدم ٽي ٽي پي جهڙا دهشتگرد گروهه علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ اجتماعي خطرو آهن. اسان ان حوالي سان موجود خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ افغان اختيارين کي پيش چئلينجن کان چڱي ريت آگاهه آهيون

اسلام آباد (م د) پاڪستان افغانستان اندر سرحدي علائقن ۾ ڳجهي اطلاع تي دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو آهي. پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان موجب حافظ گل بهادر سان واسطو رکندڙ دهشتگرد گروپ آپريشن جو اهم ٽارگيٽ هو اهو گروپ ڪالعدم ٽي ٽي پي سان ڳنڍجي پاڪستان ۾ دهشتگرد حملن جو ذميوار آهي. هن چيو ته پاڪستان افغان عوام جو تمام گهڻو احترام ڪري ٿو افغانستان / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

آءِ ايم ايف جي چوڻ تي بجلي، گئس اڃا ڪيتري مهانگي ٿيندي؟ عوام کي ڪيستائين آزمائيندا: نواز شريف

لاهور ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ ن ليگ قائد نواز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ هارين کي ٽيوب ويل لاءِ سولر پئنل ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ماضيءَ ۾ ڪٽڪ ملن کي خريداريءَ کان گهٽ قيمت تي فراهم ڪئي ويندي هئي، جنهن تي سبسڊي غريب ۽ امير لاءِ هڪ جهڙي هوندي هئي: اجلاس کي ڏنل بريفنگ

ننڍن هارين جو مهانگي بجليءَ وارو مسئلو حل ڪيو وڃي، آءِ ايم ايف جي چوڻ تي بجلي ۽ گئس وڌيڪ ڪيتري مهانگي ٿيندي؟ عوام جي صبر کي ڪيستائين آزمائيندا: نواز شريف

هارين کي سولر پئنل ڏيو، حڪومت جو پئسو مٿن خرچ ٿيڻ گهرجي، آبادگار کي سندس محنت جو نتيجو ملڻ گهرجي، آبادگارن کي ايجنٽن ۽ مل وارن جي استحصال کان بچايو وڃي

آبادگارن کي جديد مشينري ڏني ويندي، ڊرپ ايريگيشن جو به جائزو ورتو ويندو، ڊرپ ايريگيشن سان پاڻي جي بچت ٿيندي ۽ لاڳت به گهٽ ايندي: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز

مهانگو ڀاڻ وڪرو ڪندڙ مافيا کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي، خرچن ۾ گهٽتائي ۽ فصل جو صحيح معاوضو ملڻ سان هاري خوشحال ٿيندو

لاهور (م د) ن ليگ جي قائد نواز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف جي چوڻ تي بجلي ۽ گئس وڌيڪ ڪيتري مهانگي ٿيندي؟ عوام جي صبر کي ڪيستائين آزمائيندا؟ لاهور ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ ن ليگ قائد نواز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ هارين کي ٽيوب ويل لاءِ سولر پئنل ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان حوالي سان گڏيل پلان پڻ طلب ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ نواز شريف / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: نواز ليگ سربراهه نواز شريف ۽ مريم نواز اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ جي هر ضلعي ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو اعلان

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ عيد کانپوءِ ڪراچي ۾ وڌيڪ روٽس تي بسون هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي ۾ پنڪ بسن جو انگ به وڌايو ويندو، گرين بسون هلڻ شروع ٿي چڪيون آهن: شرجيل انعام ميمڻ

مهانگائي قيمتن ۾ واڌ سبب ريڊ لائين بي آر ٽي ڪم متاثر ٿيو نگران حڪومت ان منصوبي تي ڌيان نه ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ عيد کانپوءِ ڪراچي ۾ وڌيڪ روٽس تي بسون هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته بلاول ڀٽو ۽ صدر آصف علي زرداري/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شرجيل انعام ميمڻ

تحريڪ انصاف اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت گهري ورتي

درخواست ريجنل صدر اسلام آباد عامر مسعود مغل مئجسٽريٽ کي جمع ڪرائي وئي

جلسي لاءِ ٽي جايون ڏي چوڪ، ايف نائن پارڪ ۽ پريڊ گرائونڊ تجويز ڪيون ويون

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ 23 مارچ جي رات جلسي جي اجازت گهري ورتي. تحريڪ انصاف طرفان جلسي جي درخواست ريجنل / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وفاق جو غير قانوني افغانين جي ملڪ نيڪالي لاءِ آپريشن جو ٻيو مرحلو شروع ڪرڻ جو حڪم

اي سي سي ڪارڊ هولڊرز کي به ٻيهران رضاڪارانه طور واپس افغانستان وڃڻ لاءِ چيو ويندو، جنهن کان پوءِ ڪين ڊي پورٽ ڪيو ويندو

افغان سٽيزن ڪارڊ هولڊرز جي ڊيٽا وفاقي سرڪار وٽ موجود آهي غيرقانوني پرڏيهين کي ٽريس ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش نه اينديون

پرڏيهين جي ملڪ نيڪالي جي فيز ٽو جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ترت فيز ٿري شروع ڪرائڻ بابت به بريفنگ ڏني وئي

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزارت پنجاب سرڪار کي 15 اپريل کان افغان سٽيزن ڪارڊ هولڊرز جي ملڪ نيڪالي لاءِ آپريشن جو ٻيو مرحلو شروع ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو وفاقي گهرو سيڪريٽري آفتاب دراني جي صدارت هيٺ وڊيولنڪ اجلاس ۾ پنجاب جي گهرو سيڪريٽري نورالامين سميت ڪاٿي جي ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. ذريعن موجب، وفاقي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسٽيٽ بينڪ پاران وياج جي شرح 22 سيڪڙو برقرار رکڻ جو اعلان

هلندڙ مالي سال معاشي ترقي 2 کان 3 سيڪڙو رهندي: اسٽيٽ بينڪ

مهانگائي جي شرح توقع موجب هيٺ اچڻ شروع ٿي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر شرح سود 22 سيڪڙو برقرار رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ جي بيان موجب مانيٽري پاليسي ڪميٽي جي اجلاس ۾ وياج جي شرح برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سعودي حڪومت رمضان ۾ نئين عمره پاليسي متعارف ڪرائي ڇڏي

ٻه يا ان کان وڌيڪ عمرا ڪرڻ لاءِ ڪو اجازت نامو جاري نه ڪيو ويندو: وزارت

پابندي جو مقصد ماڻهن جي رش کي گهٽ ڪرڻ ۽ وڌيڪ ماڻهن کي موقعو ڏيڻ آهي

رياض (م د) سعودي حڪومت رمضان المبارڪ ۾ نئين عمره پاليسي متعارف ڪرائي ڇڏي، جنهن تحت رڳو هڪ ڀيرو ئي عمري جي اجازت هوندي. سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزارت موجب رمضان المبارڪ ۾ ٻه يا ان کان وڌيڪ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اڪبر ايس بابر پي ٽي آءِ جي سمورن پرڏيهي ڳجهن اڪائونٽن جي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ پرڏيهي فنڊنگ ڪيس جي فيصلي کي 20 مهينا ٿي چڪا آهن پر عمل نه ٿي سگهيو آهي: اڪبر ايس بابر

نشاندهي جي باوجود پي ٽي آءِ جي پرڏيهي بينڪ اڪائونٽس بابت اڃان تائين ڪا به قانوني ڪارروائي ناهي ٿي

غيرقانوني پرڏيهي ڳجهي بينڪ اڪائونٽس جو ملڪ دشمن ڪارروايين ۾ استعمال ٿيڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر پارٽي جي ڳجهن اڪائونٽس جي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. گهرو وزير محسن نقوي کي لکيل خط ۾ پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر چيو ته پي ٽي آءِ پرڏيهي فنڊنگ ڪيس/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

معاشي مسئلن باوجود پاڪ فوج اسان لاءِ خطرو بڻيل آهي: ڀارتي جنرل جو اعتراف

پاڪستان مسئلن جو شڪار پر عسڪري طوران جي صلاحيتن جي ڪا ڪوٽ ناهي آئي

اسان جا ٻئي پاڙيسري اسان جي خلاف آهن ۽ ٻئي جوهري هٿيارن سان ليس آهن

نئين دهلي (م د) ڀارتي چيف آف ڊفينس اسٽاف جنرل چوهاڻ اعتراف ڪيو آهي ته معاشي مسئلن باوجود پاڪستاني فوج اسان لاءِ خطرو بڻيل آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسٽيبلشمينٽ ڪرپٽ حڪمرانن جي سرپرستي ڪري ٿي: سراج الحق

جيڪڏهن حڪمران پارٽين کي اسٽيبلشمينٽ جي ڇت نه ملي ته هو مقابلو نه ڪري سگهندا

هي اهي ئي چهرا آهن جن خزانو لٽي پرڏيهه ۾ منتقل ڪيو، انهن جي موجودگيءَ ۾ خزانو محفوظ ناهي

لاهور (م د) امير جماعت اسلامي سراج الحق چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي مسئلن سان آءِ ايم ايف جي غلامي نه پر الله جي فضل سان نڪري سگهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده اجلاس جي صدارت ڪندي

ڏکڻ ڪوريا ۽ آمريڪا جي فوجي مشقن دوران اتر ڪوريا جو بيلسٽڪ ميزائلن جو تجربو

اتر ڪوريا شارٽ رينج بيلسٽڪ ميزائلن جو تجربو ڪيو، جيڪي ان اوڀر سمنڊ ڏانهن فائر ڪيا: پرڏيهي ميڊيا

ڪراچي (م د) اتر ڪوريا آمريڪي پرڏيهي وزير جي ڏکڻ ڪوريا جي دوري جي موقعي تي بيلسٽڪ ميزائلن جو تجربو ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پرڏيهي وزير سان چين جي سفير جي ملاقات، لاڳاپن کي مضبوط بنائڻ جي عزم جو اظهار

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان چين جي سفير جيانگ زيدونگ ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ملاقات دوران پرڏيهي وزير چيو ته پاڪ چين جي هر موسم ۾ اسٽريٽجڪ ڪوآپريٽو پارٽنرشپ ٻنهي ملڪن جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام جي لاءِ لازمي آهي. پرڏيهي وزير/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان چيني قونصل جنرل ملاقات ڪندي

وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن جي فائيو اسٽار هوٽل ۾ ٽڪڻ تي پابندي لاڳو

وفاقي حڪومت وفاقي وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن لاءِ ٻاهرين ملڪ سفري پاليسي جاري ڪري ڇڏي

نئين پاليسي ۾ اٽثر صورتحال نه هجڻ تي ٻاهرين پرڏيهي سفر جي اجازت ڪفايت شعاري ڪميٽي کان وٺڻ لازمي قرار ڏنو ويو

وفاقي وزير ۽ سيڪريٽري جي هڪ ئي وقت پرڏيهي دورن تي به پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م د) وفاقي سرڪار طرفان وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن جي ٻاهرين ملڪ سفر بابت نئين سفري پاليسي جاري ڪئي وئي آهي. وفاقي حڪومت ڪابينا جي فيصلن جي روشني ۾ وفاقي وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن لاءِ ٻاهرين ملڪ سفري پاليسي جاري ڪري ڇڏي. پاليسي موجب، سرڪاري آفيسرن جي پرڏيهي دورن دوران فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهڻ تي پابندي مڙهي وئي آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پي ٽي آءِ معيشت ٻوڙي ڇڏي، قرض لاهڻ لاءِ وڌيڪ قرض وٺڻا پئجي رهيا آهن: احسن اقبال

اسان جي معيشت اوڌار تي هلي رهي آهي، حڪومت کي ساليانو 7 هزار ارب رپين جو روينيو ملندو آهي

5 هزار ارب قرض جي ادائيگي ڪرڻي آهي، پي ٽي آءِ حڪومت 4 سالن ۾ 80 سيڪڙو قرض ورتو

ملڪ قرضي هجڻ جو وڏو سبب ڪرپشن آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪنداسين ۽ ملڪي وسيلن کي ترقي لاءِ استعمال ڪنداسين

ظفروال (م د) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته اسان جي معيشت اوڌار تي هلي رهي آهي. اسان کي قرضن جي ادائيگي لاءِ آءِ ايم ايف کان وڌيڪ قرض وٺڻا پئجي رهيا آهن. صحافين سان ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ ملڪ قرضن ۾ ٻڏي ويو، اسان جي معيشت اوڌار تي هلي رهي آهي. اسان کي قرضن جي ادائيگي لاءِ آءِ ايم ايف کان وڌيڪ قرض وٺڻا پئجي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

وزيراعظم شهباز شريف پاران ن ليگ اسلام آباد جي ضلعي صدر راجا وقار ممتاز جي لاڏاڻي تي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان مسلم ليگ (ن) اسلام آباد جي ضلعي صدر راجا وقار ممتاز جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف راجا وقار ممتاز جي گهرڀاتين سان همدرديءَ ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

شڪارپور: ڌاڙيلن پنگ جي رقم نه ملڻ تي مغوي کي گولي هڻي ڇڏي

ڌاڙيلن پنگ جي رقم نه ملڻ تي مغوي منظور لاشاري کي گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

وڊيو سوشل ميڊيا تي جاري، مغوي هٿ ٻڌي رحم جي اپيل ڪندو رهيو پر ڌاڙيلن هڪ نه ٻڌي

منظور لاشاري کي 23 ڏينهن اڳ اغوا ڪيو ويو، ڌاڙيلن گذريل ڏينهن به تشدد جي وڊيو وائرل ڪئي

شڪارپور (م د) شڪارپور ۾ ڌاڙيلن پنگ جي رقم نه ملڻ تي مغوي کي گولي هڻي ڇڏي ۽ اها وڊيو سوشل ميڊيا تي به شيئر ڪري ڇڏي. شڪارپور ۾ ڌاڙيلن پنگ جي رقم نه ملڻ تي مغوي منظور لاشاري کي گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو. ڌاڙيلن اها وڊيو سوشل ميڊيا تي پڻ شيئر ڪري ڇڏي. وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته مغوي هٿ ٻڌي رحم جي اپيل ڪري رهيو آهي پر ڌاڙيلن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وفاقي وزير خالد مقبول صديقي عهدي جي چارج وٺندي

پرڏيهي وزير سان چين جي سفير جي ملاقات، لاڳاپن کي مضبوط بنائڻ جي عزم جو اظهار

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان چين جي سفير جيانگ زيدونگ ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ملاقات دوران پرڏيهي وزير چيو ته پاڪ چين جي هر موسم ۾ اسٽريٽجڪ ڪوآپريٽو پارٽنرشپ ٻنهي ملڪن جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام جي لاءِ لازمي آهي. پرڏيهي وزير/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جعلي نيب چيئرمين بڻجي شهرين کي لٽيندڙ جوابدار پاءُ سوڙو گرفتار

جوابدار شهرين کي نيب آفيسر بڻجي هراسان ڪندا هئا: نيب اختيارين

جوابدارن خلاف شڪايتون وصول ٿيڻ تي ڪارروائي ڪئي وئي، ٻئي سڳا ڀائر آهن

لاهور (م د) نيب لاهور انٽيليجنس ونگ ڪارروائي ڪندي جعلي نيب چيئرمين بڻجي شهرين کي لٽيندڙ جوابدار کي پاءُ سوڙو گرفتار ڪري/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

يوسفزئي، اسفنديار کي 15 ڪروڙ هرجاڻو ادا ڪري، حڪم

شوڪت يوسفزئي طلبي باوجود عدالت ۾ پيش نه ٿيو: عدالت

اسفنديار ولي 2019ع ۾ يوسفزئي خلاف هرجاڻي جو ڪيس داخل ڪيو هو

پشاور (م د) پشاور جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت 15 ڪروڙ رپيا هرجاڻي جي ڪيس ۾ اي اين پي سربراهه اسفنديار ولي جي حق ۾ فيصلو ٻڌائي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پشاور هاءِ ڪورٽ پاران ايف آءِ اي کي شاندانه گلزار خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ جو حڪم

درخواست جي دائري اختيار تي اعتراض آهي، اهو نوٽيس لاهور مان جاري ڪيو ويو: ايڊيشنل اٽارني جنرل

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) کي پي ٽي آءِ ميمبر قومي اسيمبلي شندانا گلزار خلاف ڪارروائي کان روڪي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

وزيراعظم تلاگنگ پهچي ويو شهيد ڪيپٽن احمد بدر جي وارثن سان تعزيت ڪئي

تلاگنگ (م د) وزيراعظم شهباز شريف اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيندڙ ڪيپٽن احمد بدر جي گهر تلاگنگ پهچي ويو. وزيراعظم شهباز شريف شهيد ڪيپٽن جي والد سان ملاقات ڪئي ۽ وطن جي دفاع لاءِ عظيم قرباني تي ڀيٽا پيش ڪئي. ٻئي پاسي چنجر ٽي ميرعلي حملي ۾ شهيد ڪيپٽن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

تلاگنگ: وزيراعظم شهباز شريف شهيد ڪيپٽن احمد بدر جي وارثن سان تعزيت ڪندي

مريم نواز پاران قيدين جي سزا ۾ ٽن مهينن جي گهٽتائي

حڪومت جيل جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻندي: مريم نواز

اسان 155 قيدين کي ڏنڊ ادا ڪري آزاد ڪري رهيا آهيون

لاهور (م د) پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز قيدين جي سزائن ۾ ٽن مهينن جي گهٽتائي جو اعلان ڪري ڇڏيو پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز اڄ ٻئي ڏينهن به ڪوٽ لکپت جيل جو دورو ڪيو، جتي عورت قيدين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سعودي ولي عهد جو شهباز شريف جي دعوت تي رمضان کان پوءِ پاڪستان جي دوري جو امڪان

راولپنڊي (م د) سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان جو رمضان المبارڪ کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف جي دعوت تي پاڪستان/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بل گيٽس جو وزيراعظم شهباز شريف کي اهم خط، عهدي جي مبارڪ

بل گيٽس پاران پوليو جي خاتمي ۾ سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار

اميد ته پاڪستان 2024 جي پڇاڙي تائين پوليو کان پاڪ ٿي ويندو: بل گيٽس

اسلام آباد (م د) بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن جي سربراهه بل گيٽس وزيراعظم شهباز شريف کي خط لکيو آهي. خط ۾ بل گيٽس/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آصف زرداري سان آمريڪي سفير جي ملاقات، ٻيو ڀيرو صدر بڻجڻ تي مبارڪباد

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپاري ۽ سيڙپڪاري لاڳاپا وڌائڻ جي ضرورت آهي: آصف زرداري

پاڪستان جي پهرين ترجيح معيشت کي بهتر ڪرڻ، اقتصادي ۽ سيڪيورٽي چئلينجن تي قابو ڪرڻ آهي

ٻئي ملڪ واپار، سيڙپڪاري، موسمياتي تبديلي، سيڪيورٽي ۽ زراعت جي شعبن ۾ ٻه طرفو سهڪار وڌائي سگهن ٿا: آمريڪي سفير

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم ملاقات ڪندي

اسلام آباد (م د) صدر آصف علي زرداري سان پاڪستان ۾ آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم ملاقات ڪئي ۽ کيس ٻيو ڀيرو صدر جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات دوران آصف زرداري چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپاري ۽ سيڙپڪاري لاڳاپا وڌائڻ جي ضرورت آهي. ٻنهي ملڪن کي مختلف شعبن ۾ گڏيل سهڪار جا موقعا ڳولڻا پوندا. هن چيو ته آمريڪي ڪاروباري ادارن کي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ڪرڻي گهرجي ۽ جديد ڪاروباري آئيڊياز آڻڻ جي حوصلا افزائي ٿيڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي پهرين ترجيح معيشت کي بهتر ڪرڻ، اقتصادي ۽ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سپريم ڪورٽ پي بي 50 قلعه عبدالله ۾ ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پي بي 50 قلعه عبدالله جي چونڊن بابت درخواست تي ٻڌڻي

جن پولنگ اسٽيشنن تان منهنجو موڪل ڪامياب ٿيو صرف اتي ري پولنگ جو حڪم ڏنو ويو: وڪيل

عدالت کي ايترو گهرائين ۾ نه ڪٿي وڃو، ڌريون راضي آهن ته پوري تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي ٿا ڇڏيون

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ بلوچستان جي تڪ پي بي 50 قلعه عبدالله ۾ ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پي بي 50 قلعه عبدالله جي چونڊن بابت درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن جو صرف 6 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ جو حڪم/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اتر وزيرستان ۾ پاڪ فوج جو آپريشن، انتهائي گهربل ڪمانڊر سميت 8 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو، آپريشن آچر ۽ سومر جي وچ واري رات ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج جي ڪارروائي ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا آهن، مارجي ويل دهشتگردن ۾ دهشتگرد صحرا عرف جانان به شامل آهي

دهشتگرد صحرا عرف جانان 16 مارچ تي ميرعلي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پوسٽ تي حملي ۾ ملوث هيو

راولپنڊي (م د) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو. آپريشن آچر ۽ سومر جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حيدرآباد، فائرنگ ۾ قتل ٿيل مقتولا يسريٰ جي ڀاءِ آڪاش پاڻ به دم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) حيدرآباد ۾ وڪيل جي فائرنگ ۾ مارجي ويل يسريٰ جي ڀاءِ آڪاش به زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو ڪجھ ڏينهن اڳ حيدرآباد ۾ جوابدار ارشاد ڪوڪر قانون جي شاگردياڻي يسريٰ پناڻ تي فائرنگ ڪري ڪانئس پاڻ کي به گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو هو. ان دوران يسريٰ جو ڀاءُ گوليون/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: وفاقي وزير جام يوسف سان شوگر مل ايسوسيئيشن جو وفد ملاقات ڪندي

دعا آهي فيصل واوڊا ايم ڪيو ايم جو حصو بڻجي: رئوف صديقي

8 اميدوارن کي ميدان ۾ لاٿو آهي جيڪو پارٽي فيصلو ڪندي سيني کي قبول هوندو

جيڪي وڏين پارٽين جا ماڻهو غريبن جون ڳالهيون ڪندا آهن اهي اسان وٽ اچن

اڃان آزاد سيٽن هلي رهي آهي جڏهن پارٽي سيٽن هلندو ته پارٽي ڏسي وٺنداسين، في الحال آزاد اميدوار آهيان: فيصل واوڊا

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ رئوف صديقي چيو آهي ته فيصل واوڊا ايم ڪيو ايم جو حصو بڻجي. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي رئوف صديقي چيو ته اسان 8 اميدوارن کي ميدان ۾ لاٿو آهي جيڪو پارٽي فيصلو ڪندي سيني کي قبول هوندو ۽ فيصل واوڊا جي حوالي سان پارٽي فيصلو ڪندي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته اسان ماضي ۾ فيصل واوڊا کي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بجلي بلن تي واڌو ٽيڪسن جي درخواستن جي سيني ڌرين کي نوٽيس جاري

جسٽس منصور علي شاهه جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ بجلي بلن ۾ ٽيڪسن خلاف درخواستن تي ٻڌڻي

درخواستگذار ادارن تي رجسٽريشن جو قانون لاڳو ناهي ٿيندو پر رجسٽريشن نه ڪرائيندڙ ادارن تي لاڳو ٿيندو آهي: وڪيل

اڌ ٽيڪس ڏيندو آهي اڌ نه عجيب ڳالهه آهي، يا ته توهان چئو اسان تي ڪو به ٽيڪس ناهي لڳندو: جسٽس منصور علي شاهه

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان بجلي بلن تي واڌو ٽيڪسن جي درخواستن تي وفاقي حڪومت سميت سيني ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. جسٽس منصور علي شاهه جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بئنچ بجلي بلن ۾ ٽيڪسن خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذارن جي وڪيل چيو ته درخواستگذار ادارن تي رجسٽريشن جو قانون لاڳو ناهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: ڪپڙن جي سلائي تي قتل، درزي ۽ ٻن پٽن کي عمر قيد جي سزا

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڏکڻ عيد جي ڪپڙن جي سلائي تي ٿيل جهيڙي دوران قتل جي جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڪراچي ڏکڻ جي عدالت ۾ لياري ڪلري ۾ عيد جي ڪپڙن جي سلائي تي جهيڙي ۾ قتل جي معاملي جي ٻڌڻي ٿي. عدالت / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: وفاقي وزير محسن نقوي مزار قائد تي گل رکندي

حضرت سچل سرمست رح جي 203 هين سالياني عرس مبارڪ جي عرس اڄ انتظام هلندڙ

حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان درگاهه حضرت سچل سرمست جي محفل سماع هال ۾ اهم گڏجاڻي

چادر چاڙهڻ جي رسم واري تقريب، محفل سماع، ايوارڊ تقريب، مشاعري، سگهڙ ۽ ادبي ڪانفرنس تي غور

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، صوفي ياسين راڄپر، حبدار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح ۽ ٻيا عملدار شريڪ

رانيپور: ضلعي انتظاميا جا عملدار حضرت سچل سرمست جي مزار تي دعا گهري رهيا آهن

رانيپور (رپورٽر) جنهن دل پيتا عشق دا جام، سادل مستو مست مدام حضرت سچل سرمست رح جي 203 هين سالياني عرس مبارڪ جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان درگاهه حضرت سچل سرمست جي محفل سماع هال ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽي ۾ اغوا ڪيل معصوم ٻارڙي پريا ڪماريءَ جي بازيابي لاءِ سنڌ ڪلچرل فورم پاران تقريب

پريا ڪماريءَ جي باسلامت واپسي لاءِ مڪلي جي جوڳي ڳوٺ ۾ سنڌ ڪلچرل فورم پاران تقريب منعقد

منعقد ڪيل دعائيه تقريب ۾ لطيف صادق، نديم علي، سچل صادق، زاهد چانڊيو ۽ ٻيم ٻارڙن شرڪت ڪئي

معصوم ٻارڙي پريا ڪماريءَ کي هنگامي بنيادن تي بازياب ڪرائي وارثن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سکر ويجهو سنگرار شهر ۾ ڪربلا شهيدن جو ماتم ڪندڙ عزادارن کي سبيل پياريندڙ دوران اغوا ڪيل معصوم ٻارڙي پريا ڪماريءَ جي باسلامت واپسيءَ لاءِ اڄ مڪليءَ جي جوڳي ڳوٺ ۾ سنڌ ڪلچرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو: اغوا ٿي ويل پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ٻارڙا تلاوت ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ پوليس ڪاروائي

ڪري چوري ۽ ڦر ۾ ملوث ٻن

جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

شهدادڪوٽ (رپورٽس) شهدادڪوٽ پوليس ڪاروائي ڪري چوري ۽ ڦر ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو شهدادڪوٽ ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او اختر علي ابڙو پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ايس ايس پي شهدادڪوٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

هدايت الله لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بدين ۾ سوين قومي ڪارڪنن جو احتجاج

لاڙڪاڻي ۾ گرفتار ٿيل ڪارڪنن جي آزادي لاءِ نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

لياقت انصاري جبل سومرو ماجد انصاري تنوير ڪاتيار جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

گرفتار ڪيل سمورا قومي ڪارڪن آزاد ڪيا وڃن نه ٿي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ جي قومي ڪارڪن هدايت الله لوهار جي قاتلن جي گرفتاري ۽ لاڙڪاڻي ۾ گرفتار ٿيل ڪارڪنن جي آزادي لاءِ نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪارڪن آزاد ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل روهڙي واسي ٽن مغوين جي بازيابي لاءِ شيخ برادري پاران احتجاج

ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل ميرخان شيخ، سهراب شيخ ۽ علي شير شيخ جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو

7 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ايس ايس پي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ پوليس ڪک پيچي ڦيٽو ناهي ڪيو

جلد مغوين کي آزاد ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل روهڙي واسي ٽن مغوين جي بازيابي لاءِ شيخ برادري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿي ويل شيخ برادري جي نوجوانن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مينهن چوري بعد ڪوجي ڪتي

وسيلي پيرا ڪٽڻ تان فاروقي پاران

حملو ڪيو ويو: غلام محي دين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پرسان ڳوٺ دبي ۾ سنڌ سيد ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر سيد غلام محي الدين جاني شاهه، سيد محمد/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سڪرنڊ ۾ ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه پاران ڊرينيج سسٽم، پيور بلاڪ جو افتتاح

59 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ڊرينيج سسٽم، پيور بلاڪ ۽ سي سي گهٽين جو افتتاح

ميزبانن علي گل جلباڻي، راڻو خان جلباڻي، عمران گڏو جلباڻي، امام الدين جلباڻي پاران آجيان ڪئي وئي

سڪرنڊ کي ميونسپل ڪميٽي ۽ محراب پور، ماڙي جلباڻي ۽ مهر علي جمالي کي ٽائون جو درجو ڏياريون: ڳالهيون

سڪرنڊ (رپورٽ: راڄ ڪماراوڊ) ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو سڪرنڊ پرسان ڳوٺ ماڙي جلباڻيءَ ۾ 59 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ڊرينيج سسٽم، پيور بلاڪ ۽ سي سي گهٽين جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سيد امداد شاهه ايس ايس پي طور ٽنڊو محمد خان جي چارج سنڀالي ورتي، عملدارن پاران آجيان

ٽنڊو محمد خان پهچڻ تي کيس خصوصي پوليس پاران چاڪ وچوبند دستي سان سلامي ڏني

ڊي ايس پيز ايس ايڇ اوز ۽ هيڊ برانچ سان ڪرائيم ميٽنگ ڪوٺائي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

مجرمن منشيات فروشن مين پڙي ۽ گٽڪي ڊيلرن جي خلاف تيزي سان ڪريڪ ڊائون جاري رکي وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: مظفر علي بروهي) ايس ايس پي سيد امداد شاهه پي ايس پي طور ٽنڊو محمد/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان: ايس ايس پي سيد امداد شاهه تعارفي گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

ماتلي پرسان جاڙا واٽر اسٽاپ

وٽ ٽنڊو غلام علي روڊ تي ٻن

موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ماتلي پرسان جاڙا واٽر اسٽاپ وٽ ٽنڊو غلام علي روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شهدادڪوٽ ۾ قوم پرست ڪارڪنن پاران قوم پرست اڳواڻ هدايت الله جي قاتلن خلاف احتجاج

قوم پرست ڪارڪنن مٿان پوليس جي لاٺي چارج ۽ ايف آر داخل ٿيڻ خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

بشير ڪوسو، ذاڪر مگسي هٿن ۾ جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪوٽومونو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو

هدايت الله لهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري قوم پرست ڪارڪنن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

شهدادڪوٽ(رپورٽر) قوم پرست ڪارڪن پاران قوم پرست اڳواڻ ۽ پرائمري استاد هدايت الله جي قاتلن جي گرفتاري ۽ لاڙڪاڻي ۾ قوم پرست ڪارڪنن مٿان پوليس جي لاٺي چارج ۽ ايف آر داخل ٿيڻ خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مٽياري ۾ رمضان جو بابرڪت مهينو ڏسندي ئي دڪاندار پاران هٿرادو مهانگائي

فروٽ، مڇي، سبزي، گوشت ۽ آٽل، کنڊ ۽ عام مشروبات ٽوڙي ٻيڻ شين جا اگهه وڌي ويا

شهر ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي سبب ڪيترائي مسڪين روزيدار پاڻي سان روزو افطار ڪرڻ لڳا

ريٽ لسٽون چيڪ ڪري انهن کي مناسب ريٽ تي شيون وڪرو ڪرڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي: شهري

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) مٽياري ۾ رمضان شريف جو بابرڪت مهينو ڏسندي ئي دوڪاندار / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: دڪان تي فروٽ پيل آهي

لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي

ڳوٺ سونو جتوئي جي

رهواسي ڳوناٽي پاران احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ سونو جتوئي جي رهواسي اکين جي نور کان محروم ڳوناٽي طرفان معذور ڪوٽا تي نوڪري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو ۾ بدامني جو راڪاس، 3

هٿياربند ڏينهن ڏٺي مسافرن

کان هزارين روپين جي ڦرلٽ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ بدامني جو راڪاس، 3 هٿياربند ڏينهن ڏٺي چنگچي رڪشا ۾ سوار سينئر صحافي منثار ٿارائي سميت مسافرن کان هزارين روپيا روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار، صحافين جو احتجاج. خبر موجب دڙو، ميرپوربٺورو روڊ شير واهه عالما اسٽاپ وٽ موٽر سائيڪل تي سوار 3 هٿيارندن پاران چنگچي رڪشا ۾ سوار مسافرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين ۾ ايس ايس پي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي پئسن مان ناجائز ڪٽوتيءَ جو نوٽيس

ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس هولڊرن خلاف ڪاروائي جو حڪم جاري ڪيو

سپورٽ پروگرام جي پئسن مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس هولڊرن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن: ڊي سي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي پئسن مان ناجائز ڪٽوتيءَ جو سختي سان نوٽيس وٺي ورتو ضلعي جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

رمضان جي مهيني ۾ يوٽيلٽي اسٽورز تي 19 شين تي سبسڊي ڏني وئي آهي: مولا بخش مغل

سکر سٽي ۾ 16 يوٽيلٽي اسٽور 4 اتي جا اسٽال ۽ ريجن ۾ 4 موبائيل سروس شروع ڪيا ويا آهن

ريجن جي يوٽيلٽي اسٽورن تي روزاني بنيادن تي سستي اگهن وارين شين سپلائي ڪري رهيا آهيون

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) حڪومت پاران رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ يوٽيلٽي اسٽورز تي 19 شين تي سبسڊي ڏني عوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

عادلپور ٿاڻي جي حد مٽڙي مائينر تي هٿياربندن گولين هڻي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو

قتل ٿي ويل جي سڃاڻپ 55 سالا گلاب ملڪ طور ٿي آهي جيڪو يارولنڊ جو رهواسي آهي

اطلاع تي عادلپور پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو

عادلپور(رپورٽر اسلم مهر) عادلپور ٿاڻي جي حد مٽڙي مائينر تي هٿياربندن گولين هڻي هڪ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو آهي قتل ٿي ويل جي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهرو فيروز ۾ پرامن ريلي سنڌي ادبي سنگت اڳواڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

ايڊووڪيٽ محب آزاد ۽ ٻين تي لاڙڪاڻي پوليس پاران تشدد ۽ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل خلاف مظاهرو

اير ظفر ٽگڙ علي نواز سولنگي خادم سيال عتيق رسٽمڙ شاهد خانزاده ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز: لاڙڪاڻي ۾ پرامن ريلي سنڌي ادبي سنگت جي اڳواٽي سيڪريٽري جنرل اديب شاعر ليڪ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: لاڙڪاڻو ۾ مظاهرين تي پوليس تشدد خلاف ساس پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

جهڏو ۾ ربياري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

جهيڙي ۾ حملي ۾ زخمي ٿيل ڪرڙ ربياري کي تعلقي اسپتال ڊگهڙي منتقل ڪيو ويو

مخالفن ٻنا ڪنهن ڏوهه جو حملو ڪري زخمي ڪرڻ بعد مرٽينگ حالت ۾ ڦٽو ڪيو: وارث

جهڏو(رپورٽر) جهڏو ۾ ربياري برادري جي ٻن ڌرين ۾ وچ شهر ۾ جهيڙي ۾ حملي ۾ زخمي ٿيل ڪرڙ ربياري کي جهڏو کان تعلقي اسپتال ڊگهڙي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

خواهش آهي حياتي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ص جي تعريف ڪندي گذري وڃي: علي فيضان حسيني

سيني نعت خوانن کي دل سان ٻڌندو آهيان آئون 9 سالن جي عمر کان نعت خواني ڪندو پيو اچان

نوحه خواني قصيده خواني ۽ صحافي پڻ آهيان نعت خوان سڏائيندي فخر محسوس ڪندو آهيان: ڳالهيون

سڪرنڊ (رپورٽ راڄ ڪماراوڊ) مشهور نعت خوان علي فيضان حسيني پنهنجي خيالات جو اظهار ڪندي چيو آهي ته منهنجي خواهش آهي ته پوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

صوبائي وزير جيل علي حسن زرداريءَ پاران ڊسٽرڪٽ جيل ملير جو اوچتو دورو

جيل عملي کي قيدين کي سمورين سهولتن ڏيڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ڊوائن جي کوٽ کي ختم ڪري قيدين کي علاج جون بهتر سهولتون ڏيڻ جي هدايت

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) صوبائي وزير جيل حاجي علي حسن زرداريءَ پاران ڊسٽرڪٽ جيل ملير جو اوچتو دورو، مختلف بيرڪن ۾ قيد ٿيل قيدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

صابو ڳوٺ ۾ ٻارڙي جي ٻڏڻ وارو معاملو: سونيا ڪلمتي جو لاش هٿ نه اچي سگهيو

8 سالن جي معصوم ٻارڙي سونيا ڪلمتي جو لاش 15 ڪلاڪ گذرڻ باوجود نه ملي سگهيو

پاڻي جي تيز رهڪري سبب ڳولا ۾ سخت ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، واٽر لائن جو پاڻي بند ڪيو ويو

ملير (د ر) صابو ڳوٺ ۾ ٻارڙي جي ٻڏڻ وارو معاملو، واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي غاليجي لائن ۾ ٻڏي فوت ٿيڻ واري 8 سالن جي معصوم ٻارڙي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر جي علائقي نئين پنڊ شهباز ڪالوني سکر جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

گيس پريشر ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف سوئي گيس آفيس ٻاهران احتجاج ڪندي نعرا هنيا

پريشر گهٽجڻ سبب گهرن ۾ سحري ۽ افطاري جو کاڌو تيار ڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي: الزام

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي نئين پنڊ شهباز ڪالوني سکر جي رهواسين پاران گيس پريشر ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف سوئي گيس آفيس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: نئين پنڊ شهباز ڪالوني واسي گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دڙو ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ مهانگائي جي طوفان غريبن جا لاهه ڪيي ڇڏيا

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي 30 سالن جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو، سبزين، فروٽ، اٽي جا اگهه وڌي ويو

گوشت، ڀينڊي، ڏاٽا، صوف، موسمبين، هندوانن، گدرو، بصر، توريون، ليمان، گوبي جا اگهه وڌي ويا

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ مهانگائي جي طوفان غريبن جا لاهه ڪيي ڇڏيا!! ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي 30 سالن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شهدادڪوٽ ۾ خورشيد جوڻيجو نامزدگي فارم آر او آفيس ۾ آر او وٽ جمع ڪرائي ڇڏيو

پيپلزپارٽي پنهنجي هر دور حڪومت ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: خورشيد جوڻيجو

پيپلزپارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي جنهن جي ڪري عوام مينڊيٽ ڏنو آهي: ڳالهيون

شهدادڪوٽ (رپورٽر: شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ قومي تڪ اين اي 196 تي پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ خورشيد احمد جوڻيجو پنهنجو نامزدگي / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خيرپور ناٿن شاهه ۾ عام واهپي وارين جي شين ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ، شهري پريشان

100 روپين وارا بصر 250 ۽ 40 روپيه ملندڙ پٽاٽا 80 روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا

سبزي فروٽ، اٽو گيه، کنڊ، گوشت، مڇي، مرغي جي اگهن ۾ هٿرادو واڌ ڪري ڇڏي: شهري

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ عام واهپي وارين جي شين ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ، شهري پريشان، 100روپين وارا بصر/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مٽياري ۾ قومپرستن پاران هدايت الله لوهار جي ناحق خون جي انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌ جي نياڻين جي تذليل ۽ قومي ڪارڪنن کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي جسم اڳواڻ هاشم کوسو فياض شيخ معراج سنڌيءَ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

انصاف نه ٿيڻ خلاف ڪڍيل ريلي ۾ نياڻين جي تذليل ڪئي وئي ۽ قومي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) مٽياري ۾ قومپرستن پاران شهيد هدايت الله لوهار جي ناحق خون جي انصاف ۽ گذريل ڏينهن لاڙڪاڻي واري ريلي ۾ سنڌ جي نياڻين جي تذليل ۽ قومي ڪارڪنن کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: شهيد هدايت لوهار جي قاتلن خلاف جسم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

تعليمي ادارن جي انتظامن کي

پروفيسر ئي بهتر انداز ۾

هلائي سگهن ٿا: مشتاق ڦلپوٽو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سپلا سکر ريجن جي صدر پروفيسر مشتاق ڦلپوٽو، پروفيسر محمد سائول گهرڙو، پروفيسر غفران الله بلوچ، پروفيسر لعل بخش ڪلهوڙو، پروفيسر الطاف حسين کهڙو، پروفيسر شمس الدين ساريو پروفيسر اظهار مهر، پروفيسر زينب فاطما، پروفيسر ملهار سنڌيءَ ۽ ٻين پنهنجي گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين ۾ منافع خورن ۽ ذخيره اندوزي خلاف جاري، ڪارروائين جي سلسلي ۾ ڊي سي پاران دورا

ڊي سي عبدالفتاح هليو پاران تعلقي ٽنڊو باگو ۾ شهر جي مختلف مارڪيٽن جا دورا ڪيا ويا

ٽانگ ڪڪڻ واري ويڪسين سميت جان بچائڻ وارين ضروري دوائن جي اسٽاڪ جو پڻ جائزو ورتو

اعليٰ ڪوالٽي جو مٽيريل استعمال ڪيو وڃي ته تعليمي ادارا گهڻي وقت تائين ڪارآمد رهي سگهن

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) منافع خورن ۽ ذخيرا اندوزي خلاف جاري ڪارروائين جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو پاران تعلقي ٽنڊو باگو ۾ شهر جي مختلف مارڪيٽن جا دورا ڪيا ويا ان موقعي تي هن دڪانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪنڌڪوٽ لڳ ڊيوٽي تي بندوق کڻي اسڪول ويندڙ استاد ڦر مزاحمت دوران قتل

بندوق کڻي ڊيوٽي تي ويندڙ فرض شناس استاد الله رکيو نندواڻي کان ڦر جي ڪوشش ڪئي وئي

الله رکيو نندواڻي حفاظت لاءِ هٿيار ساڻ کڻي ڊيوٽي تي ويندي وڊيو سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ڪيو هو

هزارو شاخ وٽ هٿياربندن سندس مٿان حملو ڪري گولين هڻي ڪيس مرٽينگ ڪري وڌو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

ڪنڌڪوٽ: هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل استاد الله رکيو نندواڻي جو مڙهه پيل آهي

ڪنڌڪوٽ / غوثپور(رپورٽر: امداد ٻنگوار/ عبدالنبي ملڪ) ڪنڌڪوٽ لڳ ڦر مزاحمت دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پورٽ قاسم ذوالفقار آباد

آئل ٽرمينل ويجهو آئل جي

دڪان ۾ باهه لڳي وئي

ملير (د ر) پورٽ قاسم ذوالفقار آباد آئل ٽرمينل ويجهو آئل جي دڪان ۾ باهه لڳي وئي، ٽرمينل ويجهو هئڻ سبب انتظاميا ٽرٽلي ۾ اچي وئي. تفصيل/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان جي هدايت تي ايس ايڇ او بي سيڪشن پاران ڪارروائي

شهيد بابا پوليس پوسٽ پاران خفيا اطلاع تي لکين روپين جي منشيات برآمد ڪرڻ جي دعوي

جهمپ موري باءِ پاس تان حيدرآباس کان ايندڙ مزدا ٽرڪ کي روڪي تلاشي ورتي ۽ منشيات هٿ ڪئي

مين پڙي چورو مال سپلائي ڪندڙ ڪارندي محمد وسيم يوسفزئي ولد محمد سليم يوسفزئي گرفتار ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد امداد شاهه جي هدايت تي ايس ايڇ او بي سيڪشن جي بهترين ڪاروائي ايس ايڇ او بي سيڪشن منظور علي شورو انچارج شهيد بابا پوليس پوسٽ پاران خفيا اطلاع تي لکين روپين جي منشيات برآمد ڪرڻ جي دعوا بي سيڪشن ايس ايڇ او لکين روپين جي ماليت جي مين پڙي چورو سميت هڪ جوابدار/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ديرو پرسان عزت جي وانڊ تي شڪارپور پوليس جي چڙهائي، عورتن ۽ ٻارڙن تي مبينا تشدد

پوليس چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سيد عاشق علي شاهه جي حويلي ۾ گهڙي مبينا ڀڃ ڊاهه ڪئي

اهلڪار گهر ڏٽي عاشق شاهه کي تشدد جو نشانو بڻائي موبائيلن ۾ کڻي ويا، وارثن پاران احتجاج رڪارڊ

بنا جواز چڙهائي ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: متاثرين جو مطالبو

نئون ديرو(رپورٽر: شاد محمود پٺاڻ) نئون ديرو پرسان عزت جي وانڊ تي شڪارپور پوليس چڙهائي ڪري 30 کان وڌيڪ پوليس موبائيلن ۾ سوار ٿي پوليس اهلڪارن چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سيد عاشق علي شاهه جي حويلي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خانپور مهر لڳ مٽڙي اسٽاپ پرسان نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

عادلپور ٿاڻي جي حد مٽڙي اسٽاپ پرسان هٿياربندن فائرنگ ڪري ڳوناٽي کي قتل ڪري ڇڏيو

مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ يارولنڊ جي رهواسي 55 سالن جي گلاب ملڪ طور ٿي آهي: پوليس

آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي

خانپورمهر: نامعلوم هٿياربندن هٿان مارجي ويل گلاب ملڪ جو لاش پيل آهي

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر لڳ مٽڙي اسٽاپ پرسان نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سجاول ۾ رٽائرڊ ملازم جو ٽريزري

آفيس سجاول جي انتظاميه خلاف

احتجاجي مظاهرو

سجاول (رپورٽ ممتاز علي ٺهڙيو) سجاول ۾ رٽائرملازم جو ٽريزري آفيس سجاول جي انتظاميه خلاف احتجاج، انصاف جي گهر، سجاول / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

شهدادڪوٽ جي قومي اسيمبلي جي خالي ٿيل سيٽن تي ننڍي چونڊ لاءِ نامزدگي فارم جمع

شهدادڪوٽ ون تي چونڊ ۾ حصو وٺڻ لاءِ 10 اميدوارن ڪاغذات نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

پيپلزپارٽي ۽ جي يو آءِ جي 4 _ 4 اميدوارن، جمعيت علماء پاڪستان جي اميدوار فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

تڪ اين اي 196 قمبر شهدادڪوٽ ون تان پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري دستبردار ٿي خالي ڪئي هئي

شهدادڪوٽ(ن سنڌ يار) شهدادڪوٽ جي قومي اسيمبلي جي خالي ٿيل سيٽن تي ننڍي چونڊ جي لاءِ اميدوارن پاران نامزدگي فارم جمع ڪرايا ويا. شهدادڪوٽ جي قومي تڪ اين اي 196 قمبر شهدادڪوٽ ون تي چونڊ ۾ حصو وٺڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو آهي: رسول بخش جاکرو

معاملي تي ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارا مهنگائي کي ضابطو آڻڻ تي مڪمل طور ناڪام بڻيل آهن

ضلعي ۾ بنيادي سهولتن جهڙوڪ صحت ۽ تعليم ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي وڏي کوٽ آهي، عوام پريشان آهي

ونڊ پاور پراجيڪٽ وارا مقامي ماڻهن کي ڪو به روزگار ۽ سهولتون ڏيڻ لاءِ تيار ناهن، اگهن تي ضابطو آندو وڃي: ڳالهيون

ٺٽو: ن ليگ اڳواڻ وڏيرو رسول بخش جاکرو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٺٽو (رپورٽر:جاويد لطيف ميمڻ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ اين اي 225 تي چونڊن ۾ حصو وٺي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

محرابپور ۾ ڳڙ منڊي پرسان هڪ

دڪان تي پوليس جو ڇاپو، ڊوائز

هلائيندڙ هڪ جوابدار گرفتار

محرابپور(رپورٽر) محرابپور ۾ ڳڙ منڊي پرسان هڪ دڪان تي پوليس جو ڇاپو، ڊوائز هلائيندڙ هڪ جوابدار گرفتار، ڪيس داخل، محرابپور پوليس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

نوشهروفيروز ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل ڪابينه جي اعزاز ۾ تقريب

هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن يونٽ سول اسپتال پاران شاندار آجياڻي تقريب منعقد

خادم حسين مستوئي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر اعجاز ممنائي - اشرف قريشي - يونٽ صدر محمد سعود ٻوهيو شريڪ

ڊاڪٽر عارف مشتاق ٻوهيو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو ۽ ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي خطاب ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن سنڌ ضلع نوشهرو فيروز جي نئين چونڊيل ڪابينه جي اعزاز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪل ايسوسيئيشن يونٽ سول اسپتال پاران شاندار آجياڻي تقريب منعقد ڪئي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 19 مارچ 2024ع

رمضان مهيني ۾ ٿيندڙ مهانگائي ۽ عوام جي دانهن

ملڪ ۾ مهانگائي عام ماڻهو جو وقت گهڻو ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ هڪ عام ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪمائي ٿو ان جي پيٽ ۾ هڻ جو خرچ وڌي ويو آهي. ڇٽب ڪاٽي سڄي ملڪ ۾ مزدورن جي ڏهاڙي بابت انگ اکر جاري ڪيا آهن جنهن موجب ملڪ ۾ پورهيت سراسري طور 1134 رپيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو ملڪ ۾ مزدور جي سڀ کان وڌيڪ ڏهاڙي 1500 رپيا اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ ڏني وڃي ٿي ۽ سڀ کان گهٽ ڏهاڙي لاڙڪاڻي ۾ 800 رپيا ملي ٿي ڪراچي ۾ ڏهاڙي اجرت 1441 رپيا، گوجرانوالا ۽ فيصل آباد ۾ 1200 رپيا، پشاور ۾ 1000 رپيا، بهاولپور ۽ ملتان ۾ 932 رپيا آهي. انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سڄي ملڪ ۾ هڪ پينٽر جي سراسري ڏهاڙي 1601 رپيا پلمبر جي 1659 رپيا ۽ مستري جي 1831 رپيا ڪمائي آهي. جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل انگ اکر موجب سيني کي اها ڏهاڙي نٿي ملي، پر گڏ ڪيل انگن اکرن سان انهن جي مجموعي حالت جو هڪ اندازو ٿئي ٿو جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته ڪو پورهيت ڪيترو به پنهنجي ڪم ۾ ماهر هجي پر اهو وڌ ۾ وڌ هڪ مهيني 60 هزار رپيا به نٿو ڪمائي سگهي. جنهن سان اهو سمجهڻ ڏکيو نه آهي ته هڪ عام ماڻهو ڪهڙي طرح پنهنجي حياتي ۽ گهاري سگهي ٿو جيڪا يقينن مشڪل آهي. ملڪ ۾ مهانگائي سبب ڀاڄيون، داليون، گوشت ۽ ميوا غريبن عوام جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويا آهن لاهور ۾ بصر 200 رپيا، ٽماٽو 150 رپيا، ادرڪ ۽ ٿوم 600 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيا آهن. ڪيلا ۽ زيتون 190 رپيا ۽ هنداڻو 200 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيا آهن. عام طور تي اگهه پار جا انگ اکر وڏن شهرن جا سامهون اچن ٿا. جنهن ڪري ٻهراڙين جي علائقن ۾ مهانگائي جي درست صورتحال ظاهر نه ٿيندي آهي پر هڪ ڳالهه يقيني آهي ته انهن علائقن ۾ مهانگائي وڌيڪ هوندي آهي. ڪراچي جي عوام حڪومت پاران جاري ڪيل ريٽ لسٽ موجب سامان نه ملڻ جون شڪايتون ڪيون آهن. شهري عيد لاءِ نوان ڪپڙا خريد ڪرڻ جو خيال ڪري ئي ڳڻتي ۾ پئجي ٿا وڃن. نئين آيل حڪومت تاحال ڪي به اهڙا قدم ناهن کنيا آهن. جن مان اندازو ٿئي ته هڪ وقت کان عوام جي مٿان پيل اضافي مالي بار گهٽ ڪرڻ جي ڪا رٿا جوڙي وئي آهي. عام ماڻهو کي هر جمهوري حڪومت جيان هن حڪومت مان به اميد آهي ته عوام جي ڀلائي لاءِ ڪي قدم کنيا ويندا. ملڪ ۾ اهڙو نظام هئڻ گهرجي جنهن سان حڪومت غريبن تان مالي بار گهٽائڻ ۽ عوامي سطح تي خرچ ٿيندڙ رقم جو فائدو سمورن شهرين کي پهچي. ان جي جوڙجڪ اهڙي طرح هجي جو اشرافيه طبقي کان وڌيڪ ٽيڪس وصول ڪري، گهٽ آمدني ۽ غريبن تي وڌيڪ رقم خرچ ڪيو وڃي. اها غريب ترتيب ئي جمهوريت جو روح آهي. ان معاشي انصاف ۾ دولت جي برابر جي ورڇ کان سواءِ سماج جي نسبتاً ڪمزور طبقن، جهڙوڪ عورتن، ٻارن، اقليتن، معذورن ۽ بيروزگارن جو به خيال رکيو وڃي. پر اسان جي پاليسي ۾ اهي عنصر نظر نٿا اچن ان باوجود اسين جمهوريت جو راڳ آلاپيندا رهون ٿا. بدقسمتيءَ سان پاڪستان جون حڪومتون عوام کان گڏ رقم ڪيل کي پنهنجي عياشي تي خرچ ڪنديون رهن ٿيون. اهڙين ظالماڻي نظامن ۽ پاليسين سان امير وڌيڪ امير ۽ غريب وڌيڪ ٿيندو رهي ٿو جنهن ڪري وڌندڙ معاشي اڻبرابري سماجي مسئلن کي جنم ڏئي رهي آهي. اسان جا ماهر هڪ طرف ٽيڪس نظام کي بهتر ڪرڻ جي ڳالهه ڪن پيا، مالياتي خسارو گهٽائڻ لاءِ جو ورد به ڪن ٿا ته ٻئي طرف اهي ميرن کي ڇوٽ ڏين ٿا. ان نظام ۾ موجود خامين کي دور ڪرڻ بابت ڪا به پاليسي تيار ڪرڻ جي نه خواهش رکن ٿا ۽ نه ئي انهن جي خواهش آهي. هڪ ڀيرو وري پاڪستان عالمي اداري سان ڳالهيون ڪري قرض جي قسط وصول ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، ماهر چون ٿا ته ان کانسواءِ ڪو ٻيو رستو نه آهي.

جنهن مان اهو صاف ظاهر آهي ته اهو بار عام ماڻهو تي پوندو ٻئي پاسي زميني حقيقت هي آهي ته عوام ۾ هاڻي سهپ نه هئڻ برابر آهي. هاڻي به عوام مٿان مهانگائي جي تلوار ڪيرائي وئي ته پوءِ هن وقت جاري خطرناڪ مهانگائي غريب ۽ امير وچ ۾ وڇوٽي کي وڌيڪ وڌائيندي. جنهن سان سياسي سماجي مسئلا وڌندا جڏهن ته سول، ملٽري، عدليه ۽ سياسي خاندانن تي ٻڌل اشرافيه جو طبقو مالي بار کان اڳي جيان آجو رهندو. مهذب ملڪن ۾ ان کان وڏو ڪو ڏوهه ناهي. هن وقت ملڪ جي معاشي بقا صرف آءِ ايم ايف کان حاصل ڪيل مالي امداد ۽ قرضن ٻڌل آهي. اسان جا معاشي ماهر دولت جي پيداوار يا ٽيڪس جي وصولي نه پر رڳو قرض حاصل ڪرڻ کي واحد ڪاميابي سمجهن ٿا. ملڪ ۾ ڊگهي مدي وارين رٿائن جو ممڪن آهي ته فائدو ٿئي پر ان ۾ وقت لڳي ويندو. جڏهن ته هن عام ماڻهو فوري طور تي رليف چاهي ٿو ملڪ ۾ هر شيءِ جي وڌندڙ قيمت ۽ اگهه عوام جي بجيٽ کي اڳ ۾ ئي آئوٽ ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي عام ڪم حڪومت کي ڪرڻ گهرجن، اهي به عملي طور تي ٿيندي نظر نٿا اچن. جنهن ۾ هر علائقي ۾ لاڳاپيل کاتن جا عملدار واپارين پاران هٿ سان پيدا ڪيل مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ عملي طور تي ميدان ۾ اچن ۽ واپارين سميت سياسي سماجي ڌرين سان لهه وچڙ ڪري هڪ عوام دوست ماحول جوڙين ۽ عوام جو خيال ڪندي قيمتن تي ضابطو آڻين. ذخيرو ڪندڙ مافيائين خلاف بنا رعايت جي ڪارروائي ڪن ته ان جو به تڪڙو مثبت نتيجو نڪري سگهي ٿو سنڌ جي وڏي وزير سميت چيف سيڪريٽري ۽ اگهن پارن تي ڪنٽرول ڪندڙ ادارن کي گذارش ڪجي ٿي ته هن حساس نوعيت جي سماجي پاسي ڏانهن مڪمل ڌيان ڏئي ڪري ان جي جاچ جي نظام کي سخت ڪيو وڃي ته ان سان عوام کي فوري رليف ملي سگهي ٿو هن ڀلاري مهيني ۾ عوام عبادت ڏانهن ڌيان ڏيڻ بجاءِ وڌندڙ مهانگائي سبب گهڻو ڳڻتي ۾ ورتل آهي. جنهن ڪري هو ذهني دٻاءَ جو شڪار آهي. اميد ڪجي ٿي ته حڪومت هن معاملي ڏانهن گهربل ڌيان ڏئي عوام کي رليف مهيا ڪندي.

سورهيه بادشاهه هڪ اتهاس جو آواز

اعجاز ممنائي

پاڪستان جي قيام کان چار سال اڳ 20 مارچ 1943ع تي حر تحريڪ جي روح روان سنڌ جي عظيم ڪردار انگريز سامراج خلاف "وطن يا ڪفن، آزادي يا موت" جي نعري تحت قومي ويڙهه وڙهندي انگريزن جي سموري آفرن کي ٺڪرائي ڦاهي کي عظيم انقلابي اڳواڻن جي فهرست ۾ اول نالو لکرائيندڙ سيد صبغت الله شاهه عرف سورهيه بادشاهه کي گوري حڪومت ڦاهي تي چاڙهي سندس لاش کي هميشه لاءِ غائب ڪري ڇڏيو.

سنڌ کي قابض برٽش انگريز بار بار سورهيه بادشاهه کي چوندا رهيا ته توهانکي خيرپور ۽ سانگهڙ رياست جا والي ٿا بڻايون، بندوق جو تحفو ۽ سر سميت جيڪو چاهيو سو خطاب/لقب ٿا ڏيون بس حرن کي جنگ بنديءَ جو حڪم ڏيو پر مرد مجاهد ڪين هر بار هڪ ئي جواب ڏنو ته منهنجي جسم ۾ حسيني خون آهي مان ڪڏهن به سوديبازي نه ڪندس اسان لاءِ پير پاڳارو جو لقب ئي ڪافي آهي مان رڳو خيرپور ۽ سانگهڙ نه پر سڄي هندستان جي آزادي چاهيان ٿو برٽش جنرل ڪيس ڌمڪائيندي چيو ته توهان کي خبر آهي ته بغاوت جي سزا ڦاسي آهي؟ تنهن تي هن عظيم ۽ ارڏي سورهيه بادشاهه برٽش جنرل سان اکيون اکين ۾ ملائي جواب ڏنو ته شهادت اسان جي ميراث ۽ اسانجي مٿي جو تاج آهي انهيءَ اڳتي وڌي پائڻ اسانجي روايت آهي پوري دنيا ڏٺو ته پير پاڳارو ۽ سندس مريد حر پنهنجي ڌرتيءَ جي آزادي لاءِ وڏي بهادري ۽ هوشياري سان جنگ لڙي رهيا هئا. ڏسندي ڏسندي انگريز سرڪار حرن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ بند ڪرڻ جو سلسلو جاري ڪيو ۽ مٿن بغاوتن، قتلن ۽ ڌاڙن جي ڪيسن ۾ ڦاسائيندا ڪين موت جون سزائون ڏيندا رهيا پر حر هڪ وک به پوئتي نه هٽيا ۽ سورهيه بادشاهه جي حڪم کي لبيڪ چوندي هر محاذ تي ويڙهه جو اعلان ڪيائون عام طور چيو ويندو آهي ته سنڌ جي سرزمين پيرن، فقيرن ۽ درويشن جي ڌرتي آهي. جيڪي الله لوڪ ماڻهو، ميٺ، محبت، حق، انصاف ۽ عبادت الاهي جو درس ڏيندا هئا ۽ هاڻي به ڏيڻ سان گڏ روحاني رمز، ذڪر ۽ فڪر واري واٽ تي پنهنجي پوئلڳن کي هلڻ جي تلقين ۽ هدايت ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي وطن ۽ قوم کي قومي ۽ طبقاتي ڦرلٽ ۽ جبر خلاف اٿي کڙا ٿي سينا تاڻي حق ۽ سچ جي ميدان تي ڪڏي ڪاهي پيا آهن نه رڳو ايترو پر ڌاريي سامراجن ۽ انهن جي ڏيهي دلالن جي ظلم، ستم ۽ ڏاڍ ڏمر خلاف مهاڏو اٽڪائڻ جا گر ۽ بهادرانه ڪارناما ڪو انهن انقلابي اڳواڻن کان سکي جيڪي ڌرتيءَ مٿان پنهنجو سر قربان ڪندي هميشه لاءِ امر ٿي تاريخ جو حصو بڻجي ويا. سورهيه بادشاهه انگريزن کان بغاوت وارو ڪردار اڄ به تاريخ جو سنهري باب ليکيو وڃي ٿو ان وقت انگريز سرڪار جي هڪ آفيسر ليوڪس حڪمت عملي تحت سانگهڙ ۽ مڪي ڍنڍ جي آسپاس حرن جي زور کي ٽوڙڻ لاءِ ڪجهه بلوچ قبيلن کي بلوچستان مان گهرائي اچي آباد ڪرايو. انهن قبيلن ۾ نواب اڪبر بگٽي جا وڏا خاص طور تي شامل هئا. جن کي نه صرف حرن جون زمينون ۽ مال ملڪيت ڏنا ويا پر ڪين اها زميواري پڻ ڏني وئي ته هو حر تحريڪ ۽ حرن جون جاسوسيون ڪري ۽ انهن کي پڪڙي انگريز سرڪار جي حوالي ڪن ته ڪين في حر تي ڏهه روپيا انعام ڏنو ويندو چون ٿا ته اهڙي انڌي لالچ ۾ اچي بگٽين گهٽ ۾ گهٽ 88 حرن کي ڦاهيون ڏياري پنهنجي آقائن کان 880 روپيا انعام حاصل ڪيو تاريخ جڏهن پلٽو کاڌو ته بگٽي خاندان ۽ سرداري به ساڳي ريت انگريزن جي چاڙتن جي زير عتاب رهي انگريز سرڪار سنڌ جي وارث حر بهادرن کي باغيءَ جو لقب ڏئي ڪين ڪچلڻ جو فيصلو ڪيو ۽ 1928ع ۾ انگريز فوجين پير جي ڳوٺ تي ڇاپو هنيو ان ڇاپي دوران هٿيار هٿ ڪيا ويا ۽ هڪ نوجوان کي هٿ ڪيو ويو جنهن لاءِ چيو پئي ويو ته هن کي پير صاحب هڪ پيٽي اندر قيد ڪري رکيو ويو هئو. ان الزام ۾ پير صاحب تي سکر ۾ ڪيس هلايو ويو. ڪيس جي پيروي لاءِ هن محمد علي جناح کي پنهنجو وڪيل مقرر ڪيو بهرحال ان (پيٽي ڪيس) ۾ اڳواٽ طئي ٿيل فارمولي موجب اسپيشل ڪورٽ جي مئجسٽريٽ اڏارام پير پاڳارو (سورهيه بادشاهه) کي 8 سال قيد جي سزا ٻڌائي. پير صاحب کي ان دوران هندستان ۽ بنگال جي ڪيترن ئي جيلن ۾ رکيو ويو جتي هن جا بنگالي قومپرستن سان تمام بهتر لاڳاپا رهيا ۽ انهن بنگالي سياسي قيدين کان هو تمام گهڻو متاثر ٿيو ائين ٿوري وقت بعد ڪيس وري ٻيهر گرفتار ڪري هندستان جي مختلف جيلن ۾ رکيو ويو هن جي گرفتاري ڪانپوءِ حرن وڌيڪ بغاوتون شروع ڪري ڏنيون ۽ هنن جي نشاني تي سرڪاري ملڪيتون ۽ اهم دفتر هئا. انگريزن کي اهو انديشو ٿيو ته ڪٿي سنڌن (گوري سرڪار) جي وفادار ماڻهن ۽ سرڪاري اعلي عملدارن تي حر مجاهد حملا ڪري جاني نقصان نه پهچائين. ان ڳڻتي ۽ خوف ڪري انگريز سرڪار پير صاحب تي تڪڙو ڪيس هلائي ان کي ڦاهي تي چاڙهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. آخرڪار سورهيه بادشاهه تي انگريز خلاف بغاوت ۽ ماڻهو مارائڻ جا ڪيترائي الزام مڙهي موت جي سزا ٻڌائي ۽ 20 مارچ 1943ع تي عمل ڪرائي ڇڏيو. اهڙي ريت پير پاڳارو ۽ سندس هزارين حر مجاهد پنهنجي ننگن ۽ ڏنگن تان سر گهور ڪري هميشه لاءِ امر بڻجي ويا. اسان کي جتي سورهيه بادشاهه ۽ سندس حر تحريڪ جي جوڌن جوانن جي عظيم ۽ تاريخي قرباني تي فخر آهي اتهاس جو هيءُ آواز مني صدي جي طويل سفر کان پوءِ به اڄ وڏي پڙاڏي ۾ ائين گونجي ٿو ته "هي سر ڪٽجي سگهي ٿو پر جهڪي نه ٿو سگهي". پر افسوس ان ڳالهه جو آهي ته اڄ به سنڌ جا سردار، پوتار، پير، مير پنهنجي وطن ۽ قوم جا ويري بڻجي انگريز سامراج جي دلالي ڪندي پاڻ کي اتم اعليٰ محسوس ڪرائي رهيا آهن پر ڪوبه انهن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند نه ٿو ڪري موجوده پير پاڳارو پنهنجي چونڊ تي شڪست کائڻ ڪانپوءِ پنهنجي حرن کي بغاوت جو سڏ ڏئي پنهنجي ڀرپور طاقت جو مظاهرو ڏيکاري غائب ٿي وڃي ٿو ملڪ دشمن جا چهرا نروار ڪرڻ ڪانپوءِ به سندن خلاف آواز بلند نه ٿو ڪري ڪيس سنڌ ڌرتيءَ ۽ ماڻهن سان ڪيترو پيار آهي جو انهن جي سورن جو ساٿاري نه ٿو ٿئي جيڪي سندس هڪ سڏ تي پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي ٻارن ٻچن سميت ڌرتي ۾ اچن ٿا پر موٽ ۾ ڪين رسوائيءَ کان سواءِ ڪجهه نه ٿو ملي اڄ به سنڌ تي آءِ ايم ايف ۽ برٽش سرڪار جا حامي مسلط آهن جيڪي سنڌ جي وسيلن تي قبضا پيا ڪن، بدامنيءَ جي فضا قائم ڪري عام ماڻهوءَ جو جيئڻ جنجال ڪيو پيو وڃي به بحريه پراجيڪيٽ تحت زمينون ڦرڪايون پيون وڃن قومي خزاني جي ڦرمار ڪئي پئي وڃي ڪوڙي آڪڙ، معتبرائپ ۽ انيءَ خاطر سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي پر پوءِ به پير پاڳاري جي گادي خاموش آهي آخر هو پنهنجي وڏڙن جي وطن پرستي، عوام دوستي ۽ حب الوطني واري سچي ۽ حق جي راهه تي گامزن ٿي موجوده غاصبن، ظالمن ۽ لٽيرن کان سنڌ ۽ سنڌين جي نجات لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ڪڏهن ادا ڪندا؟ ملڪ ۽ قوم جي بقا انهن بهادرن ۽ عظيم سورهين سان وابسته آهي. سورهيه بادشاهه هڪ جدوجهد جو نالو هو جنهن انقلاب جو نالو ڏنو. انڪري اسان تي فرض ٿئي ٿو ته ان جي سيرت اپنائي ڌرتيءَ مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت ۽ ناحق خلاف جنگ جوٽي. سنڌ جي ماڻهن کي ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ جابرن جي جبر مان نجات ڏياريون

وَڍِي جَنِ وِڍِياسِ، وَرِي وِيڄَ ٿِيي سي ٿِيا؛
ڦرٽ ڦِڏائون ڦَٽِيون، روزِ ڪيائون راسِ؛
هِيئڙا! تنين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِئين.

پاڪستان تحريڪ انصاف جو مونجهارو

امتياز عالم

تحريڪ انصاف ڪري به ته ڇا ڪري؟ ٻهرين ته اٻتا ڪم به سڌا ئي رهيا هئا. سائيفر جي سازشي هوش اڏائيندڙ ڪهاڻي هجي، قومي اسيمبليءَ مان استعيفيٰ هجي، پنجاب ۽ پختونخواهه جي اسيمبلين جو ٽوڙڻ هجي يا 9 مئي تي بيرڪن تي حملو اهي سڀ سندس ڳچيءَ ۾ پيا . پر سياسي ٽڪراءَ جي لاءِ تيل فراهم ڪري، عمران خان جو هر ايڊونچر سندس اونچي اڏام وڌائڻ لاءِ ڪم آيو جيتوڻيڪ انهيءَ مهم جوئي ۾ ٻهرين صف جي اڪثر قيادت دم وڃائي ويٺي يا وري جبريت جي وري چڙهي وئي. پر عوامي حمايت هئي جيڪا بلندين کي ڇهندي رهي. عمران خان ڪرشماتي هيرو کان وٺي مسيحا ۽ مرشد جي بلند مقام تي وڃي پهتو، پر پيرن ۾ ٻيڙيون پائي. قيادت جو خلا ڀريو به نه موقعي پرست وڪيلن، جيڪي نه ته خان کي سياست سيکاري سگهيا، نه ئي وري سندس ڪيس صحيح نموني وڙهي سگهيا.

تحريڪ انصاف ۽ ان جي ڪارڪنن جي ڏکيائين جو دور ختم نه ٿيو ۽ اهي ڪٿي ٻرن ۾ لڪي گهات لڳائڻ لاءِ ويهي رهيا. قيادت جو بحران پيدا ٿيو جنهن جو نتيجو تحريڪ انصاف جي اڏنگي چونڊن جي صورت ۾ پڌرو ٿيو عدليه انڌو انصاف ڪيو ۽ بيٽ ڦري ووٽرن جي وڏي حلقي کي اونداهه ۾ ڌڪي ڇڏيو. عدليه تحريڪ انصاف کان بيٽ جي نشان ڦرڻ ڪانسواءِ به ٻيهر پارٽي کي چونڊن ڪرائڻ جو چٽي پٽي سگهي. پر پارٽيءَ جي حيثيت پران جي ڏيهه نيڪالي ئي وٺي، نه اميدوار ويهي پئي سگهيا. نه پارٽي جهنڊو ڦڙڪائي پئي سگهي ۽ نه ئي عمران خان جو نعرو مستانه بلند ڪري پئي سگهي. ڪارڪنن ۽ ووٽرز رڳو 8 فيبروري جي انتظار ۾ ويهي رهيا ۽ پوءِ انهن وري سيني کي اهڙي شڪست ڏني جو. نواز شريف کي پنهنجي اسپيچ ملتوي ڪرڻي پئي ۽ خود نوازشرفي کي مائنس ڪرڻ لاءِ فتح جي اٿي ۾ لوڻ وڌيڪ وڌو ويو. انٽرنيٽ بند ڪيو ويو ۽ رات پيٽ ۾ فارم 45 جي سرجري ڪري فارم 47 ذريعي عوامي مينڊيٽ جو راڳ ڳايو ويو. ووٽ چوري ته پڌو هو نتيجا چوري ٻهرين پيرو ڏني. جيڪڏهن مينڊيٽ 80 سيڪڙو صحيح به هو پر 20 سيڪڙو جي ميلاوٽ سڄن چونڊ نتيجن کي شڪي بڻائي ڇڏيو. عمران خان کي پيو ڇا گهرجي ها؟ مسلسل ٽڪراءُ جو سبب. اخلاقي فتح پڻ ۽ گڏو گڏ حڪومت جي سخت مشق واري مٿي ۾ سور وجهڻ کان آجهو معاملو نتيجن جي درستگي تي ختم ٿي وڃي ها نه سياسي بحران ٽري وڃي ها ۽ حڪومت لاءِ ڪجهه اخلاقي جواز پيدا ٿي وڃي ها. پر ان ڏينهون ڏينهن شدت لاءِ مصالحو وڌو پيو وڃي. پي ٽي آءِ جو نشان بيٽ ڇا ڦرجي ويو ته مخصوص سيٽون به هٿن مان ويون. تحريڪ انصاف جي اميدوارن جي نتيجن تبديل ڪرڻ واري درخواست جي ٻڌڻي جي ڇا ٿيڻي هئي. الٽو ٻيهر ڳڻپ ۾ ان جون سيٽون گهٽجي رهيون آهن ۽ پارٽي کي فائدي بدران نقصان کڻڻو پئجي ويو. ٻيهر ڳڻپ جو مطالبو ڪيس مهانگو پئجي ويو. ان کان اڳ جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور ڪو آپگهاتي حملو ڪري، سندس نااهلي واري درخواست تي طلبي ڇا ٿي جو ڪيس جهڪي ان وزيراعظم وٽ ٿو ٽيڪڻو پيو جنهن کي هو مينڊيٽ چور وزيراعظم قرار ڏئي چڪو هو.

چاهي پي ٽي آءِ جي نوجوانن کي ڪيترو به خراب چو نه لڳي، پر عمران خان کي اهو ڪڙو ڍڪ پيئڻو پيو ته حڪومت هلائڻ جو امتحان سندس پارٽيءَ جي سر تي ملڪ ۾ نه، پر هڪ صوبي ۾ اچي ويو آهي. ان جي واڳ هڪ اهڙي هٿ ۾ ڏيڻي پئي، جنهن کي ڪو قرار آهي نه ئي ڪا سوچ سمجهه. بيٽ ڦرجي وڃڻ بعد پارٽي قيادت هڪ مٿان ٻي غلطي ڪئي. ڪڏهن مولانا شيرانيءَ جي پارٽي، ڪڏهن سنڌن ڏڦو وحدت المسلمين ۽ آخر ۾ سني اتحاد ڪائونسل جو حصو ٿيو جنهن جو چونڊ کاتو ئي بند هو. نتيجي ۾ تحريڪ انصاف سمورين مخصوص سيٽن وڃائي ويٺي، جنهن جو بنياد پارٽي کي پوندڙ ووٽن تي به چونڊيل ميمبرن جي تناسب جي بنياد تي آهي. پختون خواهه اسيمبليءَ ۾ جتي ٻيون پارٽيون شايد ٻه يا ٽي سيٽون کٽي سگهيون ٿي. اهي سڀ کٽي ويون. متناسب نمائندگي سان هن کان وڌي ڪا زيادتي ٿي پئي سگهي جيڪا هتي ڪئي وئي.

هاڻي پارٽي ڪري ته ڇا ڪري. جڏهن هر تدبير ابتي ٿي رهي آهي؟ پارٽي چونڊن جي باوجود پي ٽي آءِ هڪ ورهايل هائوس آهي، جنهن ۾ عجيب و غريب ۽ متضاد ٻوليون ٻوليندڙن ۽ هڪ ٻئي جون چنگون چڪيندڙن جي ڪوٽ نه آهي. باني ڪيسن جي انبار ۾ ڦاٿل آهي ۽ پارٽي کي ڪو رستو نه پيو سجهي. سسٽم مان نڪرڻ جو نتيجو هو ڀوڳي چڪي. سسٽم ۾ واپسي ڪرڻي آهي يا ڌهندڙ ديوار کي ڌڪو ڏيڻو آهي. ٻئي ڪم هڪ ئي وقت هلڻ وارا نه آهن. مٿان وري مرشد ڪنهن به سياسي اسٽيڪ هولڊر سان هٿ ملائڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن ته ٻاهران ويٺل ڀڳوڙا مجاهدن ايجنٽ پروڪيٽرن شهباز سان وڙهائڻ لاءِ ڀڙڪائي رهيا آهن. انهن کي تحريڪ انصاف ۽ جمهوري تسلسل ۾ ڪا دلچسپي ناهي. دلچسپي آهي ته رڳو ڳوڙ جيڪو سوشل ميڊيا تي سنو ڪامجي ٿو هائيبرڊ وار جي پنجين پيڙهي جا ڀڳوڙا پنهنجي ئي ناخدائن تي شروع ٿي ويا آهن. سينيٽ چونڊن ۾ سيٽن وڃائڻ بعد يا وري ابتي ڳڻپ ٿيڻ کانپوءِ تحريڪ انصاف 80 سيٽن کٽڻ جي دعويٰ تان 20 سيٽن کي بچائڻ جي ڊڪ ڊوڙ ۾ ڦاسندي پئي نظر اچي يا وري ان کي اليڪشن جي ٽربيونلز جي ٽرڪ جي بتي جي پويان لڳائي ڪري حڪمران اتحاد پنهنجا پير ڄمائي رهيو آهي. ٻيهر چونڊون ٿيڻ جو امڪان ڀنهه ناهي ۽ اسيمبلي کي مڇي مارڪيٽ بڻائڻ سان ڪجهه به هٿ لڳڻو نه آهي.

هاڻي تحريڪ انصاف لاءِ بنيادي چئلينج پنهنجي بقا جو آهي. ان لاءِ اها حڪومت جي ڪمزورين جو فائدو ضرور وٺي سگهي ٿي پر مخالف ڪيمپ ۾ اختلافن جو فائدو وٺي ۽ لچڪدار سياسي حڪمت عملي سان. تحريڪ انصاف لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي جاءِ بچائڻ لاءِ پنهنجي بقا لاءِ پنهنجي سمورن مخالفن کي هڪ لٺ سان هڪلڻ بدران وڏن حريفن خلاف ننڍن حريفن سان صلح ڪري. سول سوسائٽي سان پنهنجي نفرت ختم ڪري ۽ جمهوري ڪلچر اپنائي. ملڪ جو بحران جلد ختم ٿيڻ وارو ناهي. حڪومت اندر کان ڪمزور ۽ طاقتور تي ڀاڙيندڙ آهي. جنهن وٽ معاشي ۽ اداراتي بحران کي حل ڪرڻ جو نسخو ان وٽ نه آهي. آءِ ايم ايف وٽ آهي. شهباز سرڪار وٽ ڪو به نئون نسخو نه آهي ۽ نه ئي ڪو پذيرائي جو دم خم آهي. رڳو عمران خان مائنس نه ٿيو آهي. نواز شريف ۽ بلاول ڀٽو به مائنس ڪيا ويا آهن. موقعو مليو به آهي ته آصف علي زرداري ۽ شهباز شريف يا وري پنجاب ۾ مريم نواز ڪيئن ٿا ڪيڏن جو ن ليگ ٻيهر بحال ٿي وڃي. جيڪو ڪافي مشڪل نظر اچي ٿو. بهتر آهي ته عمران خان لچڪ ڏيکاري. هڪ قدم پوئتي هٽي ۽ سسٽم ۾ واپسي جي حڪمت عملي تي قائم رهي. ٻي صورت ۾ جيڪو ڪجهه بچيو آهي اهو به هٿ مان نڪري سگهي ٿو

بقايا 01

۾ اقتدار ۾ موجود ڪجهه عنصر ٽي ٽي پي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ان پاليسي تي نظرثاني تي زور ڏئي ٿو سندس چوڻ هو ته دهشتگرد پاڪستان جي سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهن. دهشتگرد پاڪستاني حدن ۾ حملن لاءِ مسلسل افغان سرزمين استعمال ڪندا رهيا آهن. پرڏيهي ترجمان چيو ته هڪ برادر ملڪ خلاف اهڙي قسم جو رويو ننڍي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ۾ افغان عوام لاءِ پاڪستان جي حمايت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، ڪين گهرجي ته اهي پاڪستاني عوام سان گڏ بيهڻ جي واضح چونڊ ڪن. هن چيو ته ڪالعدم ٽي ٽي پي جهڙا دهشتگرد گروهه علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ اجتماعي خطرو آهن. اسان ڪالعدم ٽي ٽي پي جي حوالي سان موجود خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ افغان اختيارين کي پيش چئلينجن کان چڱي ريت آگاهه آهيون. پاڪستان دهشتگردي خلاف گڏيل حل ڳولڻ ۾ ڪم جاري رکندو. پاڪستان ڪنهن به دهشتگرد تنظيم کي ٻه طرفا لاڳاپا متاثر ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪم جاري رکندو.

بقايا 02

احمد بدر کي گذريل ڏينهن تلا گنگ جي اباڻي قبرستان ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هو

بقايا 03

مريم نواز چيو ته سندس حڪومت جيل جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻندي، قيدين جون سختيون برداشت ڪيون. هو پنهنجي والد سان گڏ ڪوٽ لکپت ۽ اڊيالا جيل ۾ قيد رهي مريم نواز پنجاب جي جيلن ۾ قيد قيدين جي سزا ۾ 3 مهينن جي گهٽتائي جو اعلان ڪندي چيو ته سندس حڪومت قيدين جي سڌارن لاءِ ڪجهه پروگرام شروع ڪرڻ جي منصوبابندي ڪري رهي آهي ته جيئن اهي هنر سکي سگهن ۽ آزاد ٿيڻ بعد معاشري جو ڪارآمد حصو بڻجي سگهن پنجاب جي وڏي وزير چيو ته اسان 155 قيدين کي ڏنڊ ادا ڪري آزاد ڪري رهيا آهيون، اسان کي خوشي آهي ته اهي ماڻهو رمضان المبارڪ جي باقي بچيل ڏينهن ۽ عيد جي خوشين ۾ پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ هوندا.

بقايا 04

طرفان هدايت ڪئي وئي ته ننڍن هارين جو مهانگي بجليءَ وارو مسئلو حل ڪيو وڃي، آءِ ايم ايف جي چوڻ تي بجلي ۽ گئس وڌيڪ ڪيتري مهانگي ٿيندي؟ عوام جي صبر کي ڪيستائين آزمائيندا؟ سندس چوڻ هو ته هارين کي سولر پينل ڏيڻ حڪومت جو پيسو مٿن خرچ ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته آبادگار کي سندس محنت جو نتيجو ملڻ گهرجي، آبادگارن کي ايجنٽن ۽ مل وارن جي استحصال کان بچايو وڃي. اجلاس دوران پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو ته آبادگارن کي جديد مشينري ڏني ويندي، ڊرپ اريگيشن جو به جائزو ورتو ويندو. ڊرپ اريگيشن سان پاڻي جي بچت ٿيندي ۽ لاڳت به گهٽ ايندي. مريم نواز هدايت ڪندي چيو ته مهانگو ڀاڻ وڪرو ڪندڙ مافيا کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته خرچن ۾ گهٽتائي ۽ فصل جو صحيح معاوضو ملڻ سان هاري خوشحال ٿيندو

بقايا 05

ٽرانسپورٽ انفراسٽرڪچر تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته ڪراچي ۾ پنڪ بسن جو انگ به وڌايو ويندو، گرين بسون هلڻ شروع ٿي چڪيون آهن جڏهن ته ڪجهه نيون بسون آيون آهن جيڪي جلد روڊن تي هونديون. صوبائي وزير عيد ڪانپوءِ ٻن نون روٽن تي اليڪٽرڪ بسون هلائڻ سميت ميرپور خاص ۾ به پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ ۽ ڪراچي ۾ ٻن روٽن تي 18 اپريل کان ڪارڊ سسٽم متعارف ڪرائڻ جو اعلان ڪيو شرجيل ميمڻ ريڊ لائين منصوبي بابت ڳالهائيندي چيو ته مهانگائي قيمتن ۾ واڌ سبب ريڊ لائين بي آر ٽي ڪم متاثر ٿيو جڏهن ته نگران حڪومت ان منصوبي تي ڌيان نه ڏنو. ٽرانسپورٽ واري وزير چيو ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ پيپلز بس سروس شروع ٿيندي ۽ پنج سئو نيون بسون خريد ڪيون وينديون. چاهيون ٿا ته عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ بهترين ۽ سستي سفري سهولت ملي، عوام کي جيڪي به خوشخبريون ڏنيون آهن انهن تي دل سان عمل ڪيو ويندو.

بقايا 06

جي دوري جو امڪان آهي. سعودي ولي عهد ٻهريون پرڏيهي حڪومتي سربراهه ٿي سگهي ٿو جيڪو پاڪستان ۾ نئين چونڊيل حڪومت اچڻ کان پوءِ پاڪستان جو دورو ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهباز شريف وچ ۾ ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ۾ شهباز شريف شهزادي محمد بن سلمان کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني هئي جنهن تي سعودي ولي عهد وزيراعظم جو ٿورو ادا ڪيو ان کان اڳ شهزادو محمد بن سلمان 2019 ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي دعوت تي پاڪستان جو ٻن ڏينهن جو دورو ڪيو هو.

بقايا 07

چونڊن ۾ ڪاميابي ۽ نئين حڪومت قائم ڪرڻ تي وزيراعظم شهباز شريف کي مبارڪباد ڏني آهي. بل گيٽس پنهنجي فائونڊيشن طرفان پوليو جي خاتمي ۾ سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان 2024 جي پڄاڻي تائين پوليو کان پاڪ ٿي ويندو. بل گيٽس خط ۾ لکيو ته توهان ان معاملي تي مون سان ٽيليفونڪ گفتگو ڪيو ته ٿورائتو رهندس.

بقايا 08

صدر اسلام آباد عامر مسعود مغل مئجسٽريٽ کي جمع ڪرائي آهي. جلسي لاءِ ٽي جايون ڊي چوڪ، ايف نائن پارڪ ۽ پريڊ گرائونڊ تجويز ڪيو ويو آهي. درخواست ۾ چيو ريو آهي ته 23 مارچ تي ممڪن نه ٿي سگهي ته 30 مارچ تي جلسي جي اجازت ڏني وڃي.

بقايا 09

آهي. اسٽيٽ بئنڪ موجب هلندڙ مالي سال معاشي ترقي 2 کان 3 سيڪڙو رهندي. معاشي ترقي ۾ زرعي شعبي جي ڪارڪردگي اهم آهي. مرڪزي بئنڪ جو چوڻ آهي ته مهانگائي جي شرح توقع موجب هيٺ اچڻ شروع ٿي وئي آهي. سيپٽمبر 2025 تائين مهانگائي کي 5 کان 7 سيڪڙو تائين آڻڻ لاءِ موجوده پاليسي جو تسلسل ضروري آهي. جڏهن ته فيبروري ۾ مهانگائي جي شرح 23.1 سيڪڙو رهي.

بقايا 10

سيڪيورٽي چئلينجن تي قابو ڪرڻ آهي. آمريڪي سفير چيو ته ٻئي ملڪ واپار، سيڙپڪاري، موسمياتي تبديلي، سيڪيورٽي ۽ زراعت جي شعبن ۾ ٻه طرفو سهڪار وڌائي سگهن ٿا.

بقايا 11

عمرا ڪرڻ لاءِ ڪو اجازت نامو جاري نه ڪيو ويندو، تنهن ڪري هاڻ رمضان ۾ رڳو هڪ ئي عمري جي اجازت هوندي. ان حوالي سان وزارت وضاحت ڪئي ته پابندي جو مقصد ماڻهن جي رش کي گهٽ ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن کي مقدس مهيني ۾ عمري جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 12

سرڪار طرفان پنجاب کي افغان سٽيزن ڪارڊ هولڊرز (اي سي سي) جي فهرستون فراهم ڪيون وينديون، جن کي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان شيئر ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته جهڙي ريت غيرقانوني پرڏيهين ۽ افغان شهرين کي گرفتار ڪري ضلعي ۾ قائم هولڊنگ سينٽرن ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ ڊي پورٽ ڪيو ويو اهڙي ريت اي سي سي ڪارڊ هولڊرز کي به ٻهريان رضاڪاراڻي طور واپس افغانستان وڃڻ لاءِ چيو ويندو جنهن کانپوءِ کين گرفتار ڪري ڊي پورٽ ڪيو ويندو. ذريعن موجب، افغان سٽيزن ڪارڊ هولڊرز جي ڊيٽا وفاقي سرڪار وٽ موجود آهي جنهن سبب ماضيءَ ۾ غيرقانوني پرڏيهين کي ٽريس ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش آيون پر هاڻ ائين نه ٿيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهين جي ملڪ نيڪالي جي فيز ٽو جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ٽرت فيز ٿري شروع ڪرائڻ بابت به بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ افغان پي او آر (Proof of Residence) ڪارڊ هولڊرز کي ملڪ نيڪالي ڏني ويندي. ذريعن موجب، هنيئر تائين چار لک کان وڌيڪ غيرقانوني طور ترسيل افغان شهرين کي ڊي پورٽ ڪيو ويو آهي.

بقايا 13

جي فيصلي کي 20 مهينا ٿي چڪا آهن پر عمل نه ٿي سگهيو آهي. هن چيو ته نشاندهي جي باوجود پي ٽي آءِ جي پرڏيهي بينڪ اڪائونٽس بابت اڃان تائين ڪابه قانوني ڪارروائي ناهي ٿي. غيرقانوني پرڏيهي ڳجهي بينڪ اڪائونٽس جو ملڪ دشمن ڪاررواين ۾ استعمال ٿيڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي. اڪبر ايس بابر وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جي غيرقانوني پرڏيهي فنڊنگ ثابت ٿيڻ جي باوجود هن قومي سلامتي جي معاملي تي مفصل ۽ قانوني ڪارروائي سامهون ناهي آئي جيڪا پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي. پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي آگسٽ 2022 جي فيصلي جي سمورن رخن تي مڪمل عمل ڪرايو وڃي. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي کي پرڏيهي ملڪن ۾ بينڪ اڪائونٽس کولڻ ۽ ان کي ڳجهو رکڻ ڏوهه آهي. اهڙن سمورن پاڪستاني شهرين جي خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي انهي ڳجهي پرڏيهي ۽ غيرقانوني اڪائونٽس کي استعمال ڪندي ملڪ جي ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

بقايا 14

ڪالعدم قرار ڏيندي چيو ته قانون موجب تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي وڃي. اي اين پي جي اڳواڻ زمرڪ خان جي وڪيل چيو ته پي بي 50 جي ڪيترين ئي پولنگ اسٽيشنن تي ٽرن آئوٽ اڀرو هو جن پولنگ اسٽيشنن تان منهنجو موڪل ڪامياب ٿيو صرف اتي ري پولنگ جو حڪم ڏنو ويو زمرڪ خان حلف به کڻي ورتو هو اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏنا ته عدالت کي ايترو گهرائين ۾ نه کڻي وڃو. عدالت ويهي 400 اليڪشن ڪيسز نٿي ٻڌي سگهي ڌريون راضي آهن ته پوري تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي ٿا ڇڏيون. جنهن کان پوءِ سپريم ڪرٽ ڌرين جي راضپي سان پي بي 50 قلعه عبدالله ۾ ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پي بي 50 قلعه عبدالله تان اي اين پي جو زمرڪ خان ڪامياب ٿيو هو جي يو آءِ جي ملڪ نواز زمرڪ خان جي ڪاميابي اليڪشن ڪميشن ۾ چيلينج ڪئي هئي. اليڪشن ڪميشن ملڪ نواز جي درخواست تي زمرڪ خان جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن روڪيندي 6 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏنو هو جنهن کي زمرڪ خان سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 15

وڃ واري رات ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر موجب، پاڪ فوج جي ڪارروائي ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا آهن. مارجي ويل دهشتگردن ۾ دهشتگرد صحرا عرف جانان به شامل آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته دهشتگرد صحرا عرف جانان 16 مارچ تي مير علي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پوسٽ تي حملي ۾ ملوث هيو ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي انتهائي گهربل هو آءِ ايس پي آر موجب، پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن. ياد رهي ته 16 مارچ تي وزيرستان جي علائقي مير علي ۾ دهشتگردن پاڪ فوج جي چيڪ پوسٽ تي ڪيئي آپگهاتي حملا ڪيا ويا هئا جنهن جي نتيجي ۾ ٻه آفيسر ۽ پنج فوجي جوان شهيد ٿي ويا هئا.

بقايا 16

ٿو ملڪ کي حقيقي منزل حاصل ڪرڻي پوندي. ڪاميابي، آءِ ايم ايف جو وڌيڪ دٻاءُ ملڪ ۽ قوم لاءِ سٺو شگون ناهي، حڪمرانن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف فريم ورڪ ئي ملڪ جي معاشي مسئلن جو واحد حل آهي. ڪرپشن، سود خور نظام ۽ گورننس جو خاتمو آهي. جي بهتري تي ڌيان نه ڏيو حڪمران طبقو پنهنجا پروٽوڪول ۽ مراعتون گهٽ ڪري، غير ترقياتي خرچن تي ڪنٽرول ڪري، حڪمران اشرافيه جو رت وهائڻ بند ڪري.

بقايا 17

ٻطرفي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي قيادت جي اٽل عزم جو ذڪر ڪندي ٻنهي ملڪن جي قيادت جي تصور موجب ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ ۽ چين پاڪستان اقتصادي لنگهه جي فيز ٽو کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ گڏيل ڪوشش جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. چين جي سفير جيانگ زيدونگ چين پاران پاڪستان کي ڏني ويندڙ خصوصي اهميت ۽ پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي، صنعتي ۽ زرعي تعاون جي لاءِ ان جي ڀرپور حمايت تي زور ڏنو هن پرڏيهي وزير سان سي پيڪ جي فيز ٽو جي اعليٰ معيار جي ترقي تي پڻ اتفاق ڪيو

بقايا 18

لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو هو. آڪاش پناڻ جو ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ علاج هلندڙ هو جتي هن دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 19

موجب اتر ڪوريا شارٽ رينج بيلسٽڪ ميزائلن جو تجربو ڪيو آهي. جيڪي ان اوڀر سمنڊ ڏانهن فائر ڪيا. آمريڪي فوج جي جوائنٽ چيفس اتر ڪوريا جي ميزائل تجربي جي تصديق ڪندي چيو ته اتر ڪوريا اوڀر سمنڊ ڏانهن ڪجهه بيلسٽڪ ميزائل فائر ڪيا آهن. عام طور تي ان سامونڊي پٽي کي جاپاني سمنڊ چيو ويندو آهي. جاپاني ڪوسٽ گارڊز به اتر ڪوريا جي ميزائل تجربي جي تصديق ڪندي چيو ته ميزائل اڳ ئي پنهنجي هدف تي ڪِري چڪا آهن. ميڊيا رپورٽن موجب اتر ڪوريا طرفان ميزائل تجربا اهڙي موقعي تي ڪيا ويا آهن. جڏهن آمريڪا ۽ ڏکڻ ڪوريا پنهنجون فوجي مشقون ختم ڪري رهيا آهن ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير ڏکڻ ڪوريا ۾ موجود آهي. آمريڪا ۽ ڏکڻ ڪوريا ۾ فوجي مشقن جي اتر ڪوريا مذمت ڪندو آيو آهي ۽ ان جو موقف آهي ته اهي مشقون مداخلت جي تياري آهي.

بقايا 20

رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت کي ساليانو 7 هزار ارب رپين جو روينيو ملندو آهي، جڏهن ته 5 هزار ارب قرض جي ادائيگي ڪرڻي آهي، پي ٽي آءِ حڪومت 4 سالن ۾ 80 سيڪڙو قرض ورتو ادائيگي ايندڙ حڪومتن کي ڪرڻي آهي. سندس چوڻ هو ته سڄي قوم کي گڏجي محنت ڪرڻي پوندي. ملڪ قرضي هجڻ جو وڏو سبب ڪرپشن آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪنداسين ۽ ملڪي وسيلن کي ترقي لاءِ استعمال ڪنداسين.

بقايا 21

. وزيراعظم مرحوم جي مغفرت ۽ گهرڀاتين جي لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 22

چيو هو ته شموليت اختيار ڪريو. جيڪي وڏين پارٽين جا ماڻهو غريبن جون ڳالهيون ڪندا آهن اهي اسان وٽ اچن دعا آهي ته فيصل واوڊا ايم ڪيو ايم جو حصو بڻجي. ٻئي پاسي اڳوڻي وفاقي وزير فيصل واوڊا چيو آهي ته اڃان آزاد سيزن هلي رهي آهي جڏهن پارٽي سيزن هلندو ته پارٽي ڏسي وٺنداسين. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي فيصل واوڊا چيو ته 14 سال هڪ پارٽي جو حصو رهيس. ان وقت اها پارٽي ۽ ان جو چيئرمين ٻئي آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هن چيو ته في الحال آزاد اميدوار آهيان پارٽي جو فيصلو ناهي ڪيو هن وقت آزاد ميمبرن جو وقت هلي رهيو آهي جڏهن پارٽي جو سيزن هلندو ته پارٽي ڏسي وٺنداسين.

بقايا 23

ورتو. نيب اختيارين موجب جوابدار شهرين کي نيب آفيسر بڻجي هراسان ڪندا هئا، اويس ظهور ۽ عامر ظهور شهرين کان پئسا وصول ڪندا هئا. نيب اختيارين ٻڌايو ته جوابدارن خلاف شڪايتون وصول ٿيڻ تي ڪارروائي ڪئي وئي، ٻئي سڳا ڀائر آهن. نيب لاهور انٽيليجنس ونگ جوابدارن کي چونگ ٿاڻي جي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 24

ڇڏيو جسٽس سيد ارشد علي ۽ جسٽس وقار احمد ايف آءِ اي جي نوٽيس خلاف شندنا گلزار جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت حڪم ڏيندي چيو ته ڌرين کي ايندڙ ٻڌڻي تائين جواب جمع ڪرايو وڃي. ايڊيشنل اٽارني جنرل ثناءُ الله چيو ته اسان کي درخواست جي دائري اختيار تي اعتراض آهي، اهو نوٽيس ڪيس لاهور مان جاري ڪيو ويو. جسٽس وقار احمد چيو ته ايف آءِ اي لاهور صوبي جي رهواسين خلاف انڪوائري ڪيئن ڪري ٿي، ايف آءِ اي جي آفيس رڳو لاهور ۾ آهي ڪنهن ٻي جاءِ تي ناهي. جسٽس سيد ارشد علي پڇاڻو ڪيو ته ٻڌايو ڇا الزام آهي؟ هن ڪهڙي خلاف ورزي ڪئي آهي؟ شندنا گلزار جي وڪيل چيو ته ايف آءِ اي درخواستگذار کي طلبي جو نوٽيس جاري ڪيو آهي. عدالت پڇاڻو ڪيو ته عدالتي اختيار بابت ڇا چوندا؟ جسٽس سيد ارشد علي چيو ته ايف آءِ اي لاهور طرفان درخواستگذار کي نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. عدالت ايڊيشنل اٽارني جنرل کان پڇاڻو ڪيو ته هو قومي اسيمبلي جو ميمبر آهي، مٿس ڪهڙا الزام آهن؟ ايڊيشنل اٽارني جنرل جواب ڏنو ته هنن قومي ادارن خلاف ناڪاري پروپيگنڊا ڪئي. جسٽس سيد ارشد علي پڇاڻو ڪيو ته مٿس ڪهڙا الزام آهن؟ انهن کي اسان کي ٻڌايو ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته لکت ۾ فراهم ڪنداسين. پشاور هاءِ ڪورٽ درخواست جي ٻڌڻي 25 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 25

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٽن جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي. جوابدارن ۾ درزي ۽ سندس پٽ شامل آهن. جوابدارن تي مجموعي طور 6_6 لک رپيا ڏنڊ به لاڳو ڪيو ويو آهي.

بقايا 26

ٿيندو پر رجسٽريشن نه ڪرائيندڙ ادارن تي لاڳو ٿيندو آهي. جي ايس ٽي اسان جا ادارا اڳ ئي ادا ڪري رهيا آهن. جسٽس منصور علي شاهه ريمارڪس ڏنا ته اڌ ٽيڪس ڏيڻو آهي اڌ نه عجيب ڳالهه آهي. يا ته توهان چئو اسان تي ڪو به ٽيڪس ناهي لڳندو عدالت درخواستن تي وفاقي حڪومت سميت سيني ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي 25 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 27

ٻطرفي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي قيادت جي اٽل عزم جو ذڪر ڪندي ٻنهي ملڪن جي قيادت جي تصور موجب ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ ۽ چين پاڪستان اقتصادي لنگهه جي فيز ٽو کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ گڏيل ڪوشش جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. چين جي سفير جيانگ زيدونگ چين پاران پاڪستان کي ڏني ويندڙ خصوصي اهميت ۽ پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي، صنعتي ۽ زرعي تعاون جي لاءِ ان جي ڀرپور حمايت تي زور ڏنو هن پرڏيهي وزير سان سي پيڪ جي فيز ٽو جي اعليٰ معيار جي ترقي تي پڻ اتفاق ڪيو

بقايا 28

سندس هڪ نه ٻڌي. پوليس موجب منظور لاشاري کي 23 ڏينهن اڳ اغوا ڪيو ويو هو.

ڏاڙهيلن گذريل ڏينهن به تشدد جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي هئي.

بقايا 29

ڇڏيو عدالت شوڪت يوسفزئي کي 15 ڪروڙ رپيا هرجاڻي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ايڊيشنل سيشن جج اعجاز الرحمان فيصلو جاري ڪيو عدالت فيصلي ۾ چيو ته شوڪت يوسفزئي طلبي باوجود عدالت ۾ پيش نه ٿيو سندس عدم پيشي تي هڪ طرفي ڪارروائي ڪئي وئي. شوڪت يوسفزئي اسفنديار ولي تي پختونن سان اڏائي ڪروڙ ڊالرن جو واپار ڪرڻ جو الزام هنيو ان الزام تي اسفنديار ولي 2019ع ۾ شوڪت يوسفزئي خلاف هرجاڻي جو ڪيس داخل ڪيو هو

بقايا 30

جڏهن ته مددگار اسٽاف جي ٻاهرين ملڪ سفر ڪرڻ تي به پابندي هوندي. نئين پاليسي ۾ اثر صورتحال نه هجڻ تي ٻاهرين پرڏيهي سفر جي اجازت ڪفايت شعاري ڪميٽي کان وٺڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. ان کانسواءِ وفاقي وزير ۽ سيڪريٽري جي هڪ ئي وقت پرڏيهي دورن تي به پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي، پابندي کان ڇوٽ حاصل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل وزير يا ٻوزن کي وزيراعظم کان اجازت وٺڻي پوندي. دستاويزن موجب، صدر، چيف جسٽس، چيئرمين جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽي ۽ سروسز چيفس کي فرسٽ ڪلاس سفري سهولتون حاصل هونديون، جڏهن ته وزيراعظم، سينيٽ چيئرمين، قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر، پرڏيهي وزير، وفاقي وزيرن ۽ مملڪتي وزير بزنس ڪلاس ۾ سفر ڪندا. پاليسي ۾ پرڏيهي دورن لاءِ پي آءِ اي کي ٻهرين ترجيح قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته ڀارت جي دورن لاءِ گهرو وزارت ۽ پرڏيهي وزارت کان اجازت وٺڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 31

. ڀارت شروع کان وٺي پاڪستان جو دشمن رهيو آهي پر پاڪ فوج جي پيشيوراڻي ڪارڪردگي جو اعتراف به ڪندو رهيو آهي. ڀارت جي چيف آف ڊفينس اسٽاف جنرل انيل چوهاڻ ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي ته پاڪستان معاشي مسئلن جو شڪار ٿي سگهي ٿو پر عسڪري طور ان جي صلاحيتن جي ڪا ڪوٽ ناهي آئي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جا ٻئي پاڙيسري اسان جي خلاف آهن. ٻنهي طرفان دوستي کي هماليه کان اوچو قرار ڏنو ويندو آهي ۽ ٻئي جوهري هٿيارن سان ليس آهن. سندس چوڻ هو ته اسان کي نون هٿيارن جي نظام، ٽيڪنالاجي ۽ جنگ لاءِ پنهنجي حڪمت عملي کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 32

۾ اقتدار ۾ موجود ڪجهه عنصر ٽي ٽي پي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ان پاليسي تي نظرثاني تي زور ڏئي ٿو سندس چوڻ هو ته دهشتگرد پاڪستان جي سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهن. دهشتگرد پاڪستاني حدن ۾ حملن لاءِ مسلسل افغان سرزمين استعمال ڪندا رهيا آهن. پرڏيهي ترجمان چيو ته هڪ برادر ملڪ خلاف اهڙي قسم جو رويو ننڍي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ۾ افغان عوام لاءِ پاڪستان جي حمايت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، ڪين گهرجي ته اهي پاڪستاني عوام سان گڏ بيهڻ جي واضح چونڊ ڪن. هن چيو ته ڪالعدم ٽي ٽي پي جهڙا دهشتگرد گروهه علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ اجتماعي خطرو آهن. اسان ڪالعدم ٽي ٽي پي جي حوالي سان موجود خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ افغان اختيارين کي پيش چئلينجن کان چڱي ريت آگاهه آهيون، پاڪستان دهشتگردي خلاف گڏيل حل ڳولڻ ۾ ڪم جاري رکندو. پاڪستان ڪنهن به دهشتگرد تنظيم کي ٻه طرفا لاڳاپا متاثر ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪم جاري رکندو. ۾ اقتدار ۾ موجود ڪجهه عنصر ٽي ٽي پي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ان پاليسي تي نظرثاني تي زور ڏئي ٿو سندس چوڻ هو ته دهشتگرد پاڪستان جي سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهن. دهشتگرد پاڪستاني حدن ۾ حملن لاءِ مسلسل افغان سرزمين استعمال ڪندا رهيا آهن. پرڏيهي ترجمان چيو ته هڪ برادر ملڪ خلاف اهڙي قسم جو رويو ننڍي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ۾ افغان عوام لاءِ پاڪستان جي حمايت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪين گهرجي ته اهي پاڪستاني عوام سان گڏ بيهڻ جي واضح چونڊ ڪن. هن چيو ته ڪالعدم ٽي ٽي پي جهڙا دهشتگرد گروهه علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ اجتماعي خطرو آهن. اسان ڪالعدم ٽي ٽي پي جي حوالي سان موجود خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ افغان اختيارين کي پيش چئلينجن کان چڱي ريت آگاهه آهيون. پاڪستان دهشتگردي خلاف گڏيل حل ڳولڻ ۾ ڪم جاري رکندو پاڪستان ڪنهن به دهشتگرد تنظيم کي ٻه طرفا لاڳاپا متاثر ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪم جاري رکندو ۾ اقتدار ۾ موجود ڪجهه عنصر ٽي ٽي پي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ان پاليسي تي نظرثاني تي زور ڏئي ٿو سندس چوڻ هو ته دهشتگرد پاڪستان جي سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهن. دهشتگرد پاڪستاني حدن ۾ حملن لاءِ مسلسل افغان سرزمين استعمال ڪندا رهيا آهن. پرڏيهي ترجمان چيو ته هڪ برادر ملڪ خلاف اهڙي قسم جو رويو ننڍي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ۾ افغان عوام لاءِ پاڪستان جي حمايت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، ڪين گهرجي ته اهي پاڪستاني عوام سان گڏ بيهڻ جي واضح چونڊ ڪن. هن چيو ته ڪالعدم ٽي ٽي پي جهڙا دهشتگرد گروهه علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ اجتماعي خطرو آهن. اسان ڪالعدم ٽي ٽي پي جي حوالي سان موجود خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ افغان اختيارين کي پيش چئلينجن کان چڱي ريت آگاهه آهيون. پاڪستان دهشتگردي خلاف گڏيل حل ڳولڻ ۾ ڪم جاري رکندو. پاڪستان ڪنهن به دهشتگرد تنظيم کي ٻه طرفا لاڳاپا متاثر ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪم جاري رکندو.

بقايا 33

ڪالعدم قرار ڏيندي چيو ته قانون موجب تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي وڃي. اي اين پي جي اڳواڻ زمرڪ خان جي وڪيل چيو ته پي بي 50 جي ڪيترين ئي پولنگ اسٽيشنن تي ٽرن آئوٽ اڀرو هو جن پولنگ اسٽيشنن تان منهنجو موڪل ڪامياب ٿيو صرف اتي ري پولنگ جو حڪم ڏنو ويو زمرڪ خان حلف به کڻي ورتو هو اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏنا ته عدالت کي ايترو گهرائين ۾ نه کڻي وڃو. عدالت ويهي 400 اليڪشن ڪيسز نٿي ٻڌي سگهي ڌريون راضي آهن ته پوري تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي ٿا ڇڏيون. جنهن کان پوءِ سپريم ڪرٽ ڌرين جي راضپي سان پي بي 50 قلعه عبدالله ۾ ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پي بي 50 قلعه عبدالله تان اي اين پي جو زمرڪ خان ڪامياب ٿيو هو جي يو آءِ جي ملڪ نواز زمرڪ خان جي ڪاميابي اليڪشن ڪميشن ۾ چيلينج ڪئي هئي. اليڪشن ڪميشن ملڪ نواز جي درخواست تي زمرڪ خان جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن روڪيندي 6 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏنو هو جنهن کي زمرڪ خان سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو هو ڪالعدم قرار ڏيندي چيو ته قانون موجب تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي وڃي. اي اين پي جي اڳواڻ زمرڪ خان جي وڪيل چيو ته پي بي 50 جي ڪيترين ئي پولنگ اسٽيشنن تي ٽرن آئوٽ اڀرو هو. جن پولنگ اسٽيشنن تان منهنجو موڪل ڪامياب ٿيو صرف اتي ري پولنگ جو حڪم ڏنو ويو زمرڪ خان حلف به کڻي ورتو هو اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏنا ته عدالت کي ايترو گهرائين ۾ نه کڻي وڃو. عدالت ويهي 400 اليڪشن ڪيسز نٿي ٻڌي سگهي ڌريون راضي آهن ته پوري تڪ ۾ ٻيهر پولنگ ڪرائي ٿا ڇڏيون. جنهن کان پوءِ سپريم ڪرٽ ڌرين جي راضپي سان پي بي 50 قلعه عبدالله ۾ ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پي بي 50 قلعه عبدالله تان اي اين پي جو زمرڪ خان ڪامياب ٿيو هو جي يو آءِ جي ملڪ نواز زمرڪ خان جي ڪاميابي اليڪشن ڪميشن ۾ چيلينج ڪئي هئي. اليڪشن ڪميشن ملڪ نواز جي درخواست تي زمرڪ خان جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن روڪيندي 6 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ جو حڪم ڏنو هو جنهن کي زمرڪ خان سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 34

جي فيصلي کي 20 مهينا ٿي چڪا آهن پر عمل نه ٿي سگهيو آهي. هن چيو ته نشاندهي جي باوجود پي ٽي آءِ جي پرڏيهي بينڪ اڪائونٽس بابت اڃان تائين ڪابه قانوني ڪارروائي ناهي ٿي. غيرقانوني پرڏيهي ڳجهي بينڪ اڪائونٽس جو ملڪ دشمن ڪاررواين ۾ استعمال ٿيڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي. اڪبر ايس بابر وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جي غيرقانوني پرڏيهي فنڊنگ ثابت ٿيڻ جي باوجود هن قومي سلامتي جي معاملي تي مفصل ۽ قانوني ڪارروائي سامهون ناهي آئي جيڪا پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي. پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي آگسٽ 2022 جي فيصلي جي سمورن رخن تي مڪمل عمل ڪرايو وڃي. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي کي پرڏيهي ملڪن ۾ بينڪ اڪائونٽس کولڻ ۽ ان کي ڳجهو رکڻ ڏوهه آهي. اهڙن سمورن پاڪستاني شهرين جي خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي انهي ڳجهي پرڏيهي ۽ غيرقانوني اڪائونٽس کي استعمال ڪندي ملڪ جي ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن. جي فيصلي کي 20 مهينا ٿي چڪا آهن پر عمل نه ٿي سگهيو آهي. هن چيو ته نشاندهي جي باوجود پي ٽي آءِ جي پرڏيهي بينڪ اڪائونٽس بابت اڃان تائين ڪابه قانوني ڪارروائي ناهي ٿي. غيرقانوني پرڏيهي ڳجهي بينڪ اڪائونٽس جو ملڪ دشمن ڪاررواين ۾ استعمال ٿيڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي. اڪبر ايس بابر وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جي غيرقانوني پرڏيهي فنڊنگ ثابت ٿيڻ جي باوجود هن قومي سلامتي جي معاملي تي مفصل ۽ قانوني ڪارروائي سامهون ناهي آئي جيڪا پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي. پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي آگسٽ 2022 جي فيصلي جي سمورن رخن تي مڪمل عمل ڪرايو وڃي. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي کي پرڏيهي ملڪن ۾ بينڪ اڪائونٽس کولڻ ۽ ان کي ڳجهو رکڻ ڏوهه آهي. اهڙن سمورن پاڪستاني شهرين جي خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي انهي ڳجهي پرڏيهي ۽ غيرقانوني اڪائونٽس کي استعمال ڪندي ملڪ جي ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

بقايا 35

عمل نه ٿي سگهيو آهي. هن چيو ته نشاندهي جي باوجود پي ٽي آءِ جي پرڏيهي بينڪ اڪائونٽس بابت اڃان تائين ڪابه قانوني ڪارروائي ناهي ٿي. غيرقانوني پرڏيهي ڳجهي بينڪ اڪائونٽس جو ملڪ دشمن ڪاررواين ۾ استعمال ٿيڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي. اڪبر ايس بابر وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جي غيرقانوني پرڏيهي فنڊنگ ثابت ٿيڻ جي باوجود هن قومي سلامتي جي معاملي تي مفصل ۽ قانوني ڪارروائي سامهون ناهي آئي جيڪا پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي. پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي آگسٽ 2022 جي فيصلي جي سمورن رخن تي مڪمل عمل ڪرايو وڃي. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي کي پرڏيهي ملڪن ۾ بينڪ اڪائونٽس کولڻ ۽ ان کي ڳجهو رکڻ ڏوهه آهي. اهڙن سمورن پاڪستاني شهرين جي خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي انهي ڳجهي پرڏيهي ۽ غيرقانوني اڪائونٽس کي استعمال ڪندي ملڪ جي ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

ٻقايا سنڌيار 01

اهم گڏجاڻي ٿي گذري سخي عبدالوهاب المعروف سچل سرمست رح جو ساليانو 203 هون عرس مبارڪ 14 رمضان تي ٿيندو ان سلسلي ۾ انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان اهم اجلاس درگاهه پرسان محفل سماع هال ۾ چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ چادر چاڙهڻ جي رسم واري تقريب، محفل سماع، ايوارڊ تقريب، مشاعري، سگهڙ ۽ ادبي ڪانفرنس سميت ملاڪڙي ۽ ٻين انتظامن جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي سنڌس پاءِ خواجا نظر الحق فاروقي، سيڪريٽري يادگار ڪاميٽي اديب مختيار ملڪ، لال بخش منگي، نانڪ رام، اڪبر شاهاڻي، ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، صوفي ياسين راڄپر، حيدرار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه، اسسٽنٽ ڪمشنر سيد محمد علي شاهه، سگهڙ اڳواڻ خليل الرحمن مهيسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر گل بهار ناريجو، نديم پٺاڻ سميت سٽن ٿي تعلقن جي اي سيز سميت ٻين لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن جي آفيسرن توڙي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه چيو ته سچل سرمست جو پيغام امن، محبت، ڀائپي، برداشت ۽ انسانيت جو پيغام آهي عرس مبارڪ تي صفائي سترائي، اسٽريٽ لائٽ، پيئڻ جو صاف پاڻي، سي سي ٽي وي ڪئمرائون سيڪيورٽي پلان تي فوڪس ڪيو ويندو سمورا لاڳاپيل کاتا گڏجي رٿابندي تحت ڪم ڪرڻ سان گڏ اڳ کان بهتر انتظامات ڪيا ويندا. ڊي سي خيرپور ڊي ايڇ او کي هدايت ڪئي ته ريسڪيو 1122 ايمبولينس سميت ٻين اپائن تي ڌيان ڏنو وڃي. درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي چيو ته عرس مبارڪ دوران پانڌيئڙن کي سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. عرس مبارڪ تي سگهڙ ڪانفرنس جا مسئلا حل ڪيا وڃن. پيئڻ جو صاف پاڻي، ڊسپنسري ۾ ڊاڪٽرز مقرر ڪيا وڃن ايمرجنسي لاءِ مضبوط رٿابندي تحت ڪم ڪيو وڃي هن چيو ته درگاهه سان لاڳاپيل ماڻهن سميت، اديبن، سگهڙن ۽ ٻين کي آن بورڊ رکيو وڃي ايس ايس پي خيرپور جي نمائندي انچارج ڊي آءِ بي علي گل ملاح ٻڌايو ته حضرت سچل سرمست رح جو عرس مبارڪ سندن ياد لاءِ آهي ان سلسلي ۾ بسٽرڪٽ پوليس پاران فول پروف انتظام ڪيا ويندا. پارڪنگ سميت ٻين اپائن تي عملدرآمد ڪيو ويندو جڏهن ته عرس مبارڪ جي موقعي تي 1000 هزار پوليس آفيسر سميت اهلڪار ڊيوٽيون ڪندا جڏهن ته سي سي ٽي وي ڪيمرائن تحت پڻ نگراني ڪئي ويندي. اجلاس ۾ گڏيل طور فيصلو ڪيو ويو ته هن سال ۾ حضرت سچل سرمست رح جو ساليانو 203 هون عرس مبارڪ پرپور نموني سان ملهايو ويندو، سيڪيورٽي جي فول پروف انتظام ڪيا ويندا، پانڌيئڙن لاءِ سموريون سهولتون فراهم ڪيون وينديون، سي سي ٽي وي ڪيمرائون فعال رکيون، پوليس پڪٽون، صفائي سترائي، پيئڻ جي پاڻي، مسافر خاني ۾ سهولتون، پانڌيئڙن لاءِ ڊسپنسريون، ميڊيڪل ڪئمپ، سگهڙ، ادبي، ڪانفرنس، مشاعري، نمائش سميت ٻين پروگرام جو تفصيل سان جائزو وٺي بهتر کان بهتر انتظام ڪرڻ تي زور ڀريو ويو. چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي سيد احمد فواد شاهه. درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي سنڌس پاءِ خواجا نظر الحق فاروقي، سيڪريٽري يادگار ڪاميٽي اديب مختيار ملڪ، لال بخش منگي، نانڪ رام، اڪبر شاهاڻي، ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، صوفي ياسين راڄپر، حيدرار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي مزار تي حاضري ڀري دعا ڪئي.

ٻقايا سنڌيار 02

ڪان هزارين روپيا ڦر ڪري فرار. نامعلوم هٿياربندن وڏي جي سينئر صحافي منٺار ناراڻي سميت چنگچي رڪشا ۾ سوار ٻين مسافرن کان هزارين روپيا نقد رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. وڏو شهر ۽ پرپاسي جي مختلف علائقن مان بدامني جي ٿيندڙ وارداتن خلاف وڏو جي صحافين اعجاز اختر ميمڻ، غلام مصطفيٰ ڪچي، امداد ميمڻ، گل چوهان، منٺار ناراڻي، اسلم سومرو، امتياز آڪاش، وفا ميمڻ، جاويد جگر، نواز سومرو، ڪريم شاهه، شاهي سومرو، وفا چندن لاشاري سميت شهر جي واپارين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سخت احتجاج ڪندي پوليس انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي. ته بدامني جي وارداتن ۾ ملوث عناصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

ٻقايا سنڌيار 03

هولڊرن خلاف ڪارروائي جو حڪم جاري تفصيل موجب ڊوائيس هولڊرن پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي پئسن مان ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ جون شڪايتون اچڻ بعد ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سختي سان نوٽيس وٺندي ضلعي جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي هدايتون جاري ڪندي چيو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي پئسن مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس هولڊرن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن ۽ بينفيشريز عورتن کي حڪومت پاران مقرر رقم جي مڪمل ادائگي ڪرائي وڃي.

ٻقايا سنڌيار 04

فورم (عورتاڻي شاخ) طرفان معصوم ٻارڙن جي ڊاڪٽر حجاب لاکوسوبرا حمايتي، ڪونج جانڊيو جي قيادت ۾ دعائيه تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ حضرت محمد صه آل محمد جي حضور ۾ درود ۽ صلوات پڙهي وئي. دعائيه تقريب ۾ لطيف صادق، نديم علي، سچل صادق زاهد چانڊيو ۽ ٻين ٻارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي معصوم ٻارڙن رب تعالي جي بارگاهه اقدس ۾ پهچڻ معصوم مظلوم ڪيو اڪثر امام حسين عليه سلام جي عزادارن کي سبيل پيارڻ دوران وحشي جوابدارن هٿان اغوا ڪيل معصوم ٻارڙي پريا ڪماري جي ترت ۽ بلاسلامت واپسي لاءِ دعائون گهريون ويون ۽ سنڌ حڪومت توڙي قانون نافذ ڪندڙ ادارن کان ٻرزور مطالبو ڪيو ويو ته معصوم ٻارڙي پريا ڪماري کي هنگامي بنيادن تي بازياب ڪرائي ٽڪيندڙ ممتا جو روڳ ۽ اذيت ختم ڪئي وڃي.

ٻقايا سنڌيار 05

کي وڏو رليف ڏنو آهي جنهن مان پورهيت طبقي کي فائدو رسيو آهي سڪرنڊ ۾ 16 يوٽيلٽي اسٽور 4 اٽي جا اسٽال ۽ ريجن ۾ 4 موبائيل سروس شروع ڪيو ويا آهن جڏهن ته سڪر ريجن ۾ 63 يوٽيلٽي اسٽورن تي اڳ کان چالو چانو ڪيل ڪم ڪارڪون شريٽن سميت 19 سبسڊي واريون شيون دستياب آهن اهڙين ڳالهيون يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن سڪرجي ريجنل مينيجر مولا بخش مغل پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيون هن وڌيڪ چيو ته سڪر ريجن جي سمورن يوٽيلٽي اسٽورن تي روزاني بنيادن تي اٽو، گيهه، کنڊ واريون شيون سپلائي ڪرڻ سان گڏ شهر ۾ وڃي مختلف يوٽيلٽي اسٽورن جو دورو ڪندو آهيان ته جيئن رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ عوام سرڪار طرفان اعلانيل سبسڊي وارين شين جي آساني سان خريداري ڪري سگهي ۽ اسان جي هميشه ڪوشش رهي آهي ته وڌ ۾ وڌ عوام کي فائدو حاصل ٿئي

ٻقايا سنڌيار 06

سڃاڻپ 55 سالا گلاب ملڪ طور ٿي آهي جيڪو وارولند جي ڳوٺ مان آهي عادلپور پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو آهي پوليس موجب ته واقعي پٺيان دشمني جو شڪ پيش آيو آهي جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

ٻقايا سنڌيار 07

محمد ڪليم جي خاص هدايتن تي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪري خانگي ۽ فلاحي اسپتال مينا ڪليم مان ٽيبل چوري ۾ ملوث ۽ گذريل ڏينهن هٿڙ ناري جي پرس ڦر واري واقعي ۾ ملوث ٻن جوابدارن ابراهيم مگسي ۽ زاهد چنو کي گرفتار ڪري سلطان ڪوسي جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل ڪري جوابدارن کي لاڪپ حوالي ڪيو آهي. ان موقعي تي ايس ايڇ او اي سيڪشن اختر ابڙو وڌيڪ چيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسپتال مان ڦرتيل 2 بيٽريون، 2 پکا، ۽ هڪ ليبارٽري جي مشين ۽ هنڊوناري ڪان ڦرتيل پرس پئسن سميت ٻيو سامان هٿ ڪري مالڪن حوالي ڪيو آهي. ان موقعي تي پي ٽي آءِ ليڊيز ونگ جي اڳواڻ ميڊم ناهيد کهاوڙ، محمد ايوب ڪوسو منوج ڪمار ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

ٻقايا سنڌيار 08

تاج جويو سارنگ جويو سهڻي جويو، ادوڪيٽ محبت آزاد ۽ ٻين تي لاڙڪاڻي پوليس پاران تشدد ۽ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ خلاف سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطي سيڪريٽري ايم ظفر ٽگر علي نواز سولنگي خادم سيال عتيق وسطڙو شاهد خانزاده ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نيشنل پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج لاڙڪاڻي پوليس خلاف نعري بازي ان موقعي تي سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر ٽگر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پرامن ريلي ٻه سنڌي جي نالي واري اديب تاج جويو ۽ ٻين اڳواڻن تي تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن تاج جويو ۽ ٻين تان ڪوڙي ايف آءِ آر ختم ڪئي وڃي ورنه سنڌي ادبي سنگت سموري سنڌ ۾ احتجاج جي ڪال ڏيندي

ٻقايا سنڌيار 09

هڪ مهينو اڳ نصير آباد ۾ قتل ٿيل قومي ڪارڪن استاد هدايت الله لوهار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف لاڙڪاڻي ۾ سندس ڌيئرن سسئي لوهار ۽ سورٺ لوهار جي اڳواڻي ۾ ٿيندڙ پرامن احتجاج دوران لاڙڪاڻي پوليس پاران انهن تي تشدد ۽ گرفتارين خلاف بدين ۾ سوين قومي ڪارڪن جو ٻئي ڏينهن به نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ۽ مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن لياقت انصاري جميل سومرو ماجد انصاري تنوير ڪاتيار چيو ته هڪ مهينو اڳ نصير آباد ۾ شهيد ڪيل استاد هدايت الله لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سندس نياڻين ۽ قومي ڪارڪن پاران احتجاج جوسنڌ ڏنو هوجنهن مٿان لاڙڪاڻي پوليس فائرنگ ڪري آنسو گئيس وسائي ليلون هڻي ڪيترن ئي ڪارڪنن سميت معصوم نياڻين کي گرفتار ڪري گهر ڪري ڇڏيو آهي جيڪا بي حيائي بدمعاشي برداشت نه ڪنداسين انهي حرڪت خلاف سڄي سنڌ سميت بدين جا ڪارڪن روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهن، هنن مطالبو ڪيو ته گرفتار ڪيل سمورا قومي ڪارڪن آزاد ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٻقايا سنڌيار 10

۽ سول سوسائٽي پاران سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڇتي نعريبازي ڪئي وئي تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل ميرخان شيخ سهراب شيخ ۽ علي شير شيخ جن جي بازيابي لاءِ بشير احمد شيخ غلام علي عنايت الله عاشق حسين شيخ ۽ ٻين سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته ڪنڌڪوٽ ۾ روڊ تي مزدوري ڪندڙ پورهيت ميرخان پٽ ڪروڙ خان شيخ سهراب پٽ ميرحسن شيخ ۽ علي شير پٽ گلشير شيخ جن کي رمضان شريف جي پهرين روزي تي ڊاڪٽر نصير بجاراڻي جي اوطاق تان اغوا ڪيو ويو آهي 7 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ايس ايس پي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ پوليس ڪک پڇي ٻيٽر ناهي ڪيو صرف ڪوڙا دلاسا ڏنا وڃن ٿا جنهن ڪري مغوين جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي هنن آئي جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي ڪشمور ۽ ٻين وس وارن کي ڀرزور اپيل ڪئي ته جلد مغوين کي آزاد ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٻقايا سنڌيار 11

منتقل ڪيو ويوطبي امداد فراهم ڪرڻ بعد گنڀير حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڳوٺ ڏاتي بخش پنائي جو رهواسي مورو ولد ڪرڙ رهاري جهڏو شهر ۾ چنگچي ۾ سوار ٿي ڳوٺ وڃڻ جي تياري ۾ هو ته مٿس ڪرڙ رهاري، پريم رهاري، چانڊو رهاري، آچار رهاري ۽ ٻين لٺين ڪهاڙين ۽ لوهي سرين سان حملو ڪري سخت زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا زخمي شخص کي جهڏو اسپتال ۾ طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد تعلقي اسپتال ڏگهڙي ريفر ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن زخمي کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد گنڀير حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪري ڇڏيو زخمي مورو جي وارثن موجب زخمي جي ريجهڻي عزيز سان جوابدار ڌر جو پرائو تڪرار هلندڙ هو پر هن مٿان بلاجواز بنا ڪنهن ڏوهه جو حملو ڪري زخمي ڪرڻ بعد مرڻينگ حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا آهن اسان ڊي آئي جي ميرپورخاص، ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ ٻين وسوارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته ڄاڻايل ڌرين خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسانکي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٻقايا سنڌيار 12

حياتي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صه ۽ آل رسول جي تعريف ڪندي گذري وڃي، سڀني نعت خوانن کي دل سان ٻڌندو آهيان آئون 9 سالن جي عمر کان نعت خواني ڪندو پيو اچان مٽياري شهر ۽ ان جي آس پاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي اڪثر ميلاد جي محفلن ۾ نعتون پڙهندو رهندو آهيان علي فيضان حسيني چيو ته نعتون پڙهڻ بعد گهر ڀاتي تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن گهر وارن هميشه تمام گهڻي سپورٽ ڪئي آهي جهڙي طرح ٻين شعبن جي سرپرستي حڪومت پاران ڪئي وڃي ٿي اهڙي طرح نعت خواني تي به ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ثنا خواني عبادت آهي. دلي سڪون ۽ قلب کي قرار ملندو آهي، نعتون پڙهڻ ڪانسواءِ نوحه خواني قصيده خواني ۽ صحافي پڻ آهيان پر نعت خوان سڏائيندي فخر محسوس ڪندو آهيان. نعتن پڙهڻ جو شوق اسڪول دوران ٿيو ۽ ڪاليج ۾ ٽيلنٽ پروگرامن ۾ حصو وٺندو هيس، نعتون پڙهڻ سان تمام گهڻي عزت ملي آهي. جيڪا بيان نٿي ڪري سگهجي. هن چيو ته جيسيتائين ساهه جي سگهي سات نڀايو تيسيتائين ثنا خواني ڪندو رهندس. خواهش آهي ته مديني پاڪ وڃان ۽ سرڪار دوعالم صه جي روضي اطهر آڏو هٿ ٻڌي با ادب سان ويهي نعتون پڙهڻ جو شرف حاصل ڪيان

ٻقايا سنڌيار 13

صالح شاهه ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ دبي مان سيد عباس شاهه جي گهر مان رات جو چور مينهون چوري ڪري ويا ڪوجي ڪتي جي مدد سان پيرا ڪڍيا پيرا ڳوٺ چنراٽ ۾ لڳو ته اڳوات تعاقب ۾ ويٺل فاروقي جي ماڻهن حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ سيدن جا 6 ماڻهو مرڻينگ ڪيا ويا ۽ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو اسان پرامن آهيون چوري به اسان جي ٿي ۽ حملي ۾ ماڻهو به اسان جو ماريو ويو 5 زخمي ڪياويا، پوليس رڳوهٿ تي هٿ رکي ويٺل آهي، سيد هميشه دعاڳو رهيو آهي ۽ رهندو، اگر فاروقي وٽ مينهن نه هئي ته ان جو ٻيو طريقو موجود هيو ته هو ڳالهيون ڪري مهلت وٺن ها يا ٻڌائين ها ته مينهن ڪنهن وٽ آهي اهو ڪو به طريقو نه آهي پيرا ڪٽي ايندڙن مٿان لٺين، ڪهاڙين سان حملا ڪري ماڻهون مارين ۽ زخمي ڪن. اسان پوليس مان اميد رکون ٿا ته پوليس فاروقي کي گرفتار ڪندي ۽ سيدن سان انصاف ڪندي، اسان جو معزز سيد اسماعيل شاهه ماريو ويو آهي جيڪو شهيد ۽ زخمي غازي آهي، هميشه سيدن مٿان ظلم ۽ تشدد ٿيو آهي جنهن جي تاريخ شهادت آهي پران باوجود اسان امن ۽ ڀائيچاري جا خواهش مند آهيون ۽ اڳتي به رهنداسين، اسان سنڌ جي وڏي وزير آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري سيد مٿان حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين قانون موجب سزا ڏئي سيدن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 14

ڪيو ان موقعي تي سنڌس مان ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي ميزبانن علي گل جلباڻي، راڻوخان جلباڻي، عمران گدو جلباڻي، امام الدين جلباڻي پاران سيد غلام مصطفيٰ شاهه، غلام قادر چانڊيو، سيد شايان شاهه، غلام شاهه لغاري ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سڪرنڊ رميز راجا بلوچ کي سنڌي روايت موجب پٽڪا پارايا ويا جڏهن ته ٻين مهمانن کي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي هنن خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي ۽ هميشه عوام جي خدمت کي ترجيح ڏني آهي. ماڙي جلباڻي ۽ ۾ 59 ڪروڙ جي ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي وڌيڪ ڪوشش ڪنداسين ته سڪرنڊ کي ميونسپل ڪميٽي ۽ محراب پور، ماڙي جلباڻي ۽ مهر علي جمالي کي ٽائون جو درجو ڏياريون. هنن چيو ته جلد ئي گريڊ هڪ ڪان چار تائين جي نوڪرين تان پابندي ختم ٿي ويندي ۽ ماڻهو روزگار سان لڳي ويندا. هنن اهو به چيو ته تڪ جي عوام جي سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين. تقريب ۾ انجنيئر پبلڪ هيلٿ سيد احسان شاهه، روشن سهتو ملڪ اسحاق، سڪرنڊ پريس ڪلب جو صدر رضا محمد سيال، گلزار جلباڻي، بهاول بلوچ، منصور ڪلو ۽ حاجي ارباب علي جلباڻي سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي.

ٻقايا سنڌيار 15

سان ملاقات، جيل عملي کي قيدين کي سموريون سهولتون ڏيڻ جون هدايتون جاري، اسان کي انسان سان نه جرم سان نفرت ڪرڻ گهرجي هن چيو ته صحت جي حوالي سان وڌيڪ بهتر نظام آڻي رهيا آهيون، صوبائي وزير تفصيل موجب صوبائي وزيرجيل حاجي علي حسن زرداري ڪالا سٽرڪٽ جيل ملير جو اوچتو دورو ڪيو ان دوران بيرڪن ۾ قيدين سان ملاقاتون ڪري مسئلا معلوم ڪيا ۽ موقعي تي جيل عملي کي قيدين کي جيل مينوئل تحت سموريون سهولتون ڏيڻ ۽ وارثن جي ملاقات ۽ خاص ڪري ملاقات لاءِ عورتن کي اهميت ڏيئي ملاقات جي طريقيڪار کي آسان بنائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ٻئي طرف صوبائي وزيرجيل ۾ موجود اسپتال جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ جي ڪري قيدين کي علاج جون بهتر سهولتون ڏيڻ ۽ عملي کي جيل ۾ قيدين ۽ عوام سان بهتر ورتاءُ ڪرڻ جون هدايت ڪئي ويئي ان موقعي تي هن چيو ته جيل جي قيدين کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪنداسين ۽ جن قيدين سان قانوني مسئلو آهي ان حوالي سان قانون واري وزير سان ڳالهائيندس هن چيو ته سنڌ ۾ ڪنهن سان ناانصافي نه ٿين ڏينداسين ۽ اسان کي انسان سان نه جرم سان نفرت ڪرڻ گهرجي هن چيو ته صحت جي حوالي سان وڌيڪ بهتر نظام آڻي رهيا آهيون

ٻقايا سنڌيار 16

خان جي چارج سنڀالي ورتي ايس ايس پي سيد امدادشاهه جي تنڊو محمد خان پهچڻ تي ڪيس خصوصي پوليس پاران چاڪ ۽ چوبند دستي سان سلامي ڏئي استقبال ڪيو ويو ايس ايس پي سيد امداد شاهه چارج سنڀاليندي سنڌس صدارت هيٺ تمام ڊي ايس پيز ايس ايڇ اوز ۽ هيڊ برانچ سان ڪرائيم ميٽنگ ڪوٺائي ڪارڪردگي ۽ ڪرائيم بابت جائزو پڻ ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي سيد امداد علي شاهه 17 مارچ 2024 تي ضلعي جي چارج سنڀاليندي ضلعي جي تمام ڊي ايس پيز ايس ايڇ اوز ۽ مددگار 15 انچارج ۽ چوڪي انچارجن سان ايس ايس پي آفيس تنڊومحمد خان ۾ تعارفي ۽ جرائيم ومنشيات جي روڪٿام جي حوالي سان پڻ ميٽنگ ڪئي وئي ان موقعي تي ايس ايس پي تنڊومحمدخان سيد امداد شاهه پاران حڪم جاري ڪندي چيو ته ضلعي اندر جرائم ڪندڙ پيشي وارن مجرمن منشيات فروشن مين پڙي ۽ گٽڪي ڊيلرن جي خلاف تيزي سان ڪريڪ ڊائون جاري رکي وڃي ۽ ڪين گرفتار ڪري ضلعي اندرامن امان بحال ڪيو وڃي ميٽنگ دوران تمام ايس ايڇ اوز جي ڪارڪردگي جو الڳ الڳ جائزو ورتو ويو ۽ سختي سان ايس ايس پي پاران هدايت جاري ڪئي وئي ته منشيات جي ڪوبه ڪمپرومائيز ناهي چرس آفيم مين پڙي گٽڪو ديسي شراب فروشن جي خلاف ڪارروائي جو حڪم جاري ڪيو ويو ايس ايس پي سيد امداد شاهه پاران تنڊو محمد خان ۾ ميٽنگ دوران وڌيڪ چيو ته مجرم چاهي ڪيترو به چالاڪ چونه هجي ان کي پيشي وراڻ صلاحيتن کي اجاگر ڪري ناممڪن کي ممڪن بنائي سگهجي ٿو ۽ ان جي گرفتاري جي لاءِ نيڪ نيتي ۽ پيشه وراڻ صلاحيتن کي برقرار بنائي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي ان چيو ته ٿاڻن تي ايندڙ سائلين سان بهتر سلوڪ اختيار ڪيوڃي ان جي عزت ۽ نفس جو خيال رکيو وڃي ۽ انهن جا مسئلا ٻڌي فورن حل ڪيا وڃن ۽ انصاف جي فراهمي کي يقيني بنائي مظلومن جي دادرسي ڪئي وڃي ۽ ضلعي اندر تمام آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي پنهنجي پنهنجي علائقي اندر موثر حڪمت عملي سان سنيپ چيڪنگ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سٺي ڪارڪردگي وارن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي ايس ايس پي سيد امداد شاهه پاران آفيس ورڪنگ جو جائزو وٺڻ لاءِ آفيس جي مختلف سيڪشنز ۽ برانچ جو معائنو ڪيو ۽ انچارج ۽ پوليس اسٽاف کان معلومات پڻ ورتي

ٻقايا سنڌيار 17

سونيا ڪلمتي جو لاش 15 ڪلاڪ گذرڻ باوجود نه ملي سگهيو واٽر بورڊ انتظاميا جو چوڻ آهي ته لائن ۾ پاڻي جي تيز رفتاري سبب ڳولا ۾ سخت ڏکيائي پيش اچي رهي آهي. واٽر لائن جو پاڻي بند ڪيو ويو آهي، مقامي ٽوپا به اسان سان گڏ ڳولي رهيا آهن. ٻئي طرف معصوم ٻارڙي جي گهر ۾ قيامت جا منظر آهن والدين کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا آهن.

ٻقايا سنڌيار 18

باهران احتجاج ڪندي سخت نعري بازي ڪندي شهرين جو چوڻ هو ته سوئي گيس جي انتظاميه قيمتن ۾ واڌ ڪرڻ باوجود اسان جي علائقي ۾ گئس جي فراهمي غير اعلانيل ڏگهي لوڊشيڊنگ ڪانهو، گيس پريشر گهٽجڻ سبب گهرن ۾ سحري ۽ افطاري جو ڪاڌو تيار ڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي ۽ ڪاروباري سرگرميون مفلوج ٿي ويون آهن. شڪايتن باوجود عوام کي ڪوبه رليف نه پيو ملي احتجاج ڪندڙن پيٽروليم ۽ گيس وزارت جي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

ٻقايا سنڌيار 19

۾ ٻنهي موٽرسائيڪلن تي سوار 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ رمضان ماڇي، نواب عالماڻي، ميهر شاهه، ظفر شاهه شامل آهن زخمين کي تعلقي اسپتال ماتلي پهچايو ويو جتان طبي امداد ڏيڻ بعد ٻن ڄڻن رمضان ماڇي، ظفر شاهه جي حالت گنڀير هئڻ سبب ڪين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو هوڏانهن آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

ٻقايا سنڌيار 20

سنڌ صباءِ قومي پرست ڪارڪنن قيصر بروهي، امجد چانڊيو، بشير ڪوسو، ذاڪر مگسي هٿن ۾ جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪونوموٽو چوڪ تي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته نصير آباد ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قوم پرست اڳواڻ ۽ پرائمري استاد هدايت الله لهر کي گوليون هڻي بي رحمائو قتل ڪيو ويو جنهن جي قتل جو ڪيس ته داخل آهي پر پوليس هن وقت تائين جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي آهي هن چيو ته گذريل ڏينهن استاد هدايت الله لهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ لاڙڪاڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو پئي ويو ته پوليس ڪارڪنن مٿان سخت تشدد ڪري قوم پرست ڪارڪنن کي گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا ۽ وس وارن کا مطالبو ڪيون ٿا داخل ايف آءِ آر جي عدالتي جانچ ڪرائي ايف آءِ آر ختم ڪري قتل ٿيل استاد قوم پرست اڳواڻ هدايت الله لهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري قوم پرست ڪارڪنن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

ٻقايا سنڌيار 21

جو ڪارڊ توڙي چڙهيو سبزين، فروٽ، اٽي، مڇي، دالين، کاچري آئل سميت ٻين کاڌي پيتي جي سمورن شين جا اگهه چوٽ چڙهيل ٻنون ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ انتظاميا کي به قدر نه ڪيا. شهرين ۽ سڄاڻ حلقن طرفان مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف ڏيڻ جو مطالبو تفصيل موجب رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ سجاول ضلعي جي شهر دڙو ۽ پرپاسي جي ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ مهانگائي جو جن ٻوتل مان ٻاهر نڪري آيو آهي. شهر ۾ منافعي بخش واپارين کاڌي پيتي جو سامان ذخيرو ڪرڻ سان گڏ مهانگائي چوٽ چاڙهي ڇڏي آهي. جنهن سبب ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت ۽ محنت ڪش طبقو عام روزمره جي استعمال واريون شيون خريد ڪرڻ ڪان محروم ٿي ويو آهي. گڏ ڪيل ڄاڻ موجب ٽماٽا، مرچ، پاڪرو گوشت، پيبندي، ڏاٿا، صوف، موسمبين، هنداڻون، گدرو، بصر، توريون، ليمان، گوبي، پاچي، اٽو عام ڪاچرو آئل، دالين، ڪيلا، کنڊ سميت ٻين شين جا اگهه آسمان تي چوٽ چڙهيل ويا آهن دڙو شهر ۾ رڪارڊ مهانگائي سبب عام غريب ماڻهو مڇي، گوشت ۽ مرغي خريد ڪري کائڻ جي سگهه ته اڳ ۾ وڃائي ويٺو آهي. پر هاڻي سبزي خريد ڪرڻ کان پڻ قاصر بڻيل آهي. جڏهن ته کاڌي پيتي جي شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سجاول ضلعي جي انتظاميا توڙي اي سي ۽ مختيارڪار ميرپوربٺورو اڃا تائين ڪي به قدم ناهن کنيا. جنهن سبب رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ غريب ۽ مسڪين طبقو مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. دڙو جي شهرين ۽ سڄاڻ حلقن اعجاز اختر ميمڻ، اقبال سومرو، علي رضا ڪچي، اسلم سومرو، جاويد ميمڻ ۽ ٻين وڌندڙ مهانگائي بابت ڳالهائيندي چيو ته رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي غريبن جي چيل چمڙي ڪري ڇڏي آهي. مهانگائي سبب واپارين کاڌي پيتي جي شين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن. جنهن سبب عام غريب ۽ ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ ماڻهو مهانگائي سبب هاڻي ماني جي ڳڀي لاءِ واجهائي رهيو آهي. هن چيو ته ٻنهي شهر ۾ قانون جي ڪابه عملداري ناهي جنهن کي جيئن اچي ٿو اهو پنهنجي مرضي جا اگهه وٺي رهيو آهي. کاڌي پيتي جي شين تان وڌيڪ اگهه وٺندڙ واپارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا جو ڪوبه متحرڪ ڪردار نظر نٿو اچي. هن چيو ته مهانگائي جي چڪي ۾ پيڙهيل عام شهري اڳ ئي مڇي، گوشت ۽ مرغي خريد ڪري کائڻ ڪان پري ٿيل آهي. پر هاڻي مهانگائي جي طوفان تباهي برپا سبب غريب ماڻهو هاڻي سبزي خريد ڪري کائڻ جي حالت ۾ نه رهيو آهي. هنن انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته دڙو ۽ پرپاسي جي ٻين شهرن ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هنگامي اپاءَ وٺي غريب ماڻهن کي رليف ڏنو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 22

، روزيدارن ۽ پورهيت طبقي کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ شروع ڪري ڇڏيو جڏهن ته فروٽ ،مڇي ،سبزي ،گوشت ۽ آئل ،کنڊ ۽ عام مشروبات توڙي ٻين شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا ٻئي طرف ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي سبب ڪيترائي مسڪين روزيدار پاڻي سان روزو افطار ڪرڻ لڳا ان موقعي تي شاهد رضا محمد جمن صدام حسين مختيارعلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رمضان شريف کان اڳ دوڪاندار عام واهپي جون شيون مناسب ريٽ تي وڪرو ڪندا هيا ليڪن جيئن ئي رمضان شريف جا روزا شروع ٿيا تيئن روزمره جي سڀني شين مڇي گوشت فروٽ سبزي آئل کنڊ پتي جا اگهه راتو رات ٽيڻا ڇوڻا ٿي ويا ۽ ڪجهه روزا گذري وڃڻ ڪانپوءِ به ڪوبه سرڪاري ڪامورو ڊي سي نوشهروفيروز ، اي سي يا مختيارڪار هزارين آبادي رکندڙ شهر کي وزٽ ڪرڻ لاءِ نه پهتا آهن انهن سان جڏهن رابطو ڪيو ويو ته انهن چيو اسانکي روزا آهن ۽ اسان آفيس ڪان ٻاهر نڪرڻ جهڙا ناهيون هنن اعلا انتظاميا ۽ وس وارن ادارن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته مٽياڻي کي وزٽ ڪري دوڪاندارن جون ريٽ لسٽون چيڪ ڪري انهنکي مناسب ريٽ تي شيون وڪرو ڪرڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٻقايا سنڌيار 23

فارم آر او آفيس ۾ آر او محسن علي شيخ وٽ جمع ڪرائي ڇڏيو ان موقعي تي پ پ اڳواڻ خورشيد احمد جونيجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي هر دور حڪومت ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي بيروزگارن کي روزگار ڏنو آهي. پيپلز پارٽي جون جڙون عوام جي دلين ۾ آهن. پيپلز پارٽي شهدادڪوٽ کي گيئس ڏنو پاڻي جا اسڪيمون، اسپتالون اپ گريڊ ڪيون آهن. ۽ هاڻ به ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. قومي تڪ اين اي 196 شهيد محترمه بينظير ڀٽو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو تڪ آهي جتان چونڊجي هو وزيراعظم ٿيا هئا. هن چيو ته پيپلز پارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي جنهن جي ڪري عوام سينٽيمنٽ ڏنو آهي.خورشيد جونيجو وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي عوامي جمهوري پارٽي آهي جنهن هر وقت عوام سان گڏ رهي عوام جي ڀلائي جا ڪم ڪيا آهن. آر او آفيس ۾ فارم جمع ڪرائڻ وقت پي پي اقليتي ابر اين اي رميش لعل، پيپلز پارٽي مناراٽي ونگ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو صدر سيٺ پاون داس، تعلقا صدر آصف لغاري ۽ ٻيا پيپلز پارٽي جا عهديدار ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ موجود هئا.

ٻقايا سنڌيار 24

۽ سرڪاري خرچ تي عمرو ڪرائڻ لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اکين جي نور کان محروم ڳوٺاڻي ڪاشف علي جتوئي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته مان انتهائي غريب مسڪين آهيان. علائقي جي مختلف ڳوٺن ۾ سرنڊي وڄائي گذر سفر ڪندو آهيان. هن چيو ته لاڙڪاڻي ضلعي جي انتظاميه سميت چونڊيل نمائندن کي ڪيترائي ڀيرا معذور ڪوٽا تي نوڪري لاءِ ڏيارڻ لاءِ درخواستون ڏنيون آهن. پر هن وقت تائين مونکي ڪوٽا تحت نوڪري نه ڏني وئي آهي. جڏهن ته تازي لٽل سارياڻي فصل دوران آس پاس جي علائقن ۾ خيرخيرات وٺي پاسپورٽ ٺهرايو آهي. پر هن وقت مون وٽ سگهه نه آهي جو مان عمرو ڪري سگهان. جنهن لاءِ ملڪ جي نئين چونڊيل صدر آصف علي زرداري، پي پي پي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سميت لاڙڪاڻي جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ٿو ڪريان ته مون مسڪين جي واهر ڪري معذور ڪوٽا تحت نوڪري ڏيڻ سان گڏ سرڪاري خرچ تي عمرو ڪرائي منهنجي دلي خواهش کي پورو ڪيو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 25

250 ۽ 40 روپيه ملندڙ پٽاٽا 80 روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا. ٽماٽا 250، مٽر 500، ۽ ڀينڊي 2 سئو 300 سئو في ڪلو وڪرو، انتظاميا غائب، تفصيل موجب، رمضان مبارڪ جو ڀلارو مهينو ايندي ئي خيرپور ناٿن شاهه ۾ منافع خور دوڪاندارن روزمره جي شين جي اگهن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي سبزي فروٽ، اٽو، گيهه، کنڊ، گوشت، مڇي، مرغي جي اگهن ۾ هڙواڌو واڌ ڪري ڇڏي آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته مهانگائي وڌي وڃڻ سبب پريشان حال آهيون. دوڪاندارن عام واهپي جي شين جا اگ ٽيڻا ٽيڻا وڌائي ڇڏيا آهن پٽاٽا رمضان کان اڳ 40 روپيه في ڪلو هوا هاڻ 80 روپيا في ڪلو ڪامي ٿي اڳ 100 روپيه في ڪلو بصر هاڻ 250 روپيه في ڪلو. ٽماٽر 250 روپيه ڪلو مٽر 500 سئو ڪلو، ڀينڊي 200 سئو کان 300 سئو ڪلو ٿي وئي آهي. شهرين چيو ته واسطيدار انتظاميه منافعي خورن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران ڀاڱيوار بڻيل آهي شهرين موجب اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاهه عوام کي رليف ڏيارڻ بدران اڪثر آفيس تائين محدود رهي ٿي جيڪڏهن وزٽ ڪري ٿي ته فوٽو سيشن تائين محدود آهي. ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري کاڌي پيتي جي شين جا اگهه گهٽايا وڃن.

ٻقايا سنڌيار 26

احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي جسم اڳواڻ هاشر ڪوسو فياض شيخ معراج سنڌي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن سخت نعريبازي ڪندي چيو ته قومپرست اڳواڻ استاد شهيد هدايت الله لوهار جي ناحق قتل جي مذمت ڪريون ٿا ۽ سندس خون سان انصاف جو مطالبو ڪريون ٿا اڳواڻ وڌيڪ چيو ته گذريل ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ قومپرست اڳواڻ پاران شهيد هدايت الله لوهار جي ناحق خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف ڪڍيل ريلي ۾ سنڌ جي نياڻين جي تذليل ڪئي وئي ۽ قومي ڪارڪن کي گرفتار ڪيو ويو جنهن جي اسان پڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ فوري طور ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪريون ٿا.

ٻقايا سنڌيار 27

پريس بيان ذريعي مينيجمينٽ ڪيڊر کي رد ڪندي چيو آهي ته تعليمي ادارن جي انتظامن کي پروفيسر ئي بهتر انداز ۾ هلائي سگهن ٿا جيڪو سلسلو ڪڏهن وڏي عرصي کان وٺي احسن انداز ۾ جاري آهي اڳواڻن چيو آهي ته نگران سرڪار مينيجمنٽ ڪيڊر جي متعارف ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي هئي جنهن جو ٻين ڪوئي مينڊيٽ نه هو هن وڌيڪ چيو ته ملڪ اندر ڪنهن به صوبي ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ لاءِ مينيجمنٽ ڪيڊر ناهي اسين اهو سمجهون ٿا ته سنڌ صوبي اندر اهڙي قسم جي پريڪٽس تعليم دشمني جي زمري ۾ اچي ٿي اسين اهڙي تعليم دشمن ۽ استاد دشمن پاليسيءَ کي مڪمل طور تي رد ڪريون ٿا هن چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته مينيجمينٽ ڪيڊر کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو اهڙي تعليمي دشمن پاليسي جي خاتمي تائين ڀرپور احتجاج جاري رهندو سپلا اڳواڻن پرنسپالن جي مقرريءَ لاءِ قائم ڪيل سرچ ڪاميٽين کي پڻ رد ڪندي چيو آهي ته اهو ڪٿان جو انصاف آهي ته اڻويهين ۽ ويهين گريڊ جي پروفيسرن جي پرنسپال طور مقرري لاءِ سترهين گريڊ جي جونيئر کي مقرر ڪيو وڃي اهڙيون سرچ ڪاميٽيون سينئر پروفيسرن ۽ پرنسپالن جي عزت ۽ وقار کي مجروح ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيون ويون آهن انهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو سپلا اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته ڪاليج ايجوڪيشن ڊيپارٽمينٽ جي سيڪريٽري صدف انيس جي آمرانه پاليسين جي خلاف دمادم مست قلندر ڪيو ويندو چيو ته. هن پاران تعليم دشمن ۽ استاد دشمن پاليسيون مڙهي اسان پرامن استادن کي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي!

ٻقايا سنڌيار 28

تي پيل کاڌي پيتي جي سامان جو معيار ۽ سرڪار پاران جاري ڪيل اگهه لسٽون پڻ چيڪ ڪيون هن وڌيڪ چيو ته ناجائز منافع خوري ۽ ذخيره اندوزي جي اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته ضلعي انتظاميه جي مارڪيٽن ۾ اگهن تي گهري نظر آهي شهري به منافع خورن خلاف ڪارروائين ۾ حڪومت جو ساٿ ڏين ۽ وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن خلاف شڪايت درج ڪرائن ته جيئن هن ڀلاري مهيني ۾ اگهن تي ضابطو برقرار رهي شهرين جي خدمت ضلعي انتظاميه جي پهرين ترجيح آهي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو اگهه لسٽون نه لڳائڻ ۽ وڌيڪ اگهه وٺڻ وارن دڪاندارن تي ڳرا ڏنڊ پڻ هنيا انهي کان پوءِ هن تعلقه هيڊ ڪوارٽر اسپتال تنڊو باگو جو دورو ڪيو ان موقعي تي هن اسٽاف جي حاضري ۽ ڪتي ڪڇڻ واري ويڪسين سميت جان بچائڻ وارين ضروري دوائن جي اسٽاڪ جو پڻ جائزو ورتو ان موقعي تي هن ڊاڪٽرن کي هدايت ڪئي ته مريضن جي علاج لاءِ وڌ کان وڌ اپاءَ ورتا وڃن ان کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر بدين گورنمينٽ مڊل اسڪول حاجي علي محمد ڪوسو جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي هن زيرتعمير اسڪول جو پڻ جائزو ورتو هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اسڪيمن ۾ اعليٰ ڪوالٽي جو ميٽريل استعمال ڪيو وڃي ته جيئن تعليمي ادارا گهڻي وقت تائين ڪارآمد رهي سگهن ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر تنڊو باگو ثناءالله صدر پڻ موجود هو

ٻقايا سنڌيار 29

ڊيوٽي تان واپس ايندڙ استاد قتل، تنگواڻي لڳ ڪجهه ڏينهن اڳ بندوق کڻي ڊيوٽي تي ويندڙ فرض شناس استاد الله رکيو ننڌواڻي کان ڦر جي ڪوشش ، مزاحمت تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو ، ڪجهه ڏينهن اڳ استاد الله رکيو ننڌواڻي پنهنجي حفاظت لاءِ هٿيار سان کڻي ڊيوٽي تي ويندي وڊيو سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ڪيو هو اڄ هو ڪلسترا اسڪول مان ڊيوٽي کان واپس اچي رهيو هو ته ڪرمپور لنڪ روڊ هزارو شاخ وٽ هٿياربندن سندس مٿان حملو ڪري گوليون هڻي ڪيس مرڻينگ ڪري وڌو ، جنهن بعد پوليس موقعي تي پهچي ڪيس گنڀير حالت ۾ اسپتال کڻائي وئي ، آخري اطلاعن موجب زخمي استاد زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو.

ٻقايا سنڌيار 30

موجب ذوالفقار آباد ٽرمينل ويجهو آئل جي دڪان ۾ باهه لڳي وئي جنهن سبب انتظاميا ۾ ڦڙڦوٽ مچي ويو، گيٽ تي پيٽرول ۽ ڊيزل جي ٽينڪر سبب انتظاميا فوري طور تي فائر برگيڊ جون گاڏيون گهرائي ورتيون، ان سلسلي ۾ ويجيلنس آفيسر بي ايس او جو چوڻ هو ته باهه آئل چوري ڪرڻ وارن جي دڪان ۾ لڳي آهي، تيل چوري ڪندڙن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ لاءِ پوليس کي ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ چيو ويو آهي پر آئل چوري ڪندڙن خلاف ڪا ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي.

ٻقايا سنڌيار 31

گرفتار ڪري ورتو خبرموجب ايس ايس پي تنڊو محمد خان سيد امداد شاهه جي هدايت تي ايس ايڇ او بي سيڪشن منظور علي شورو انچارج پوليس پوسٽ شهيد بابا سميت سندس اسٽاف سان گڏجي خفيا اطلاع تي بروقت ڪارروائي ڪندي دوران چيڪنگ ڪريم وٽ جهمپ موڙي ٻاءِ پاس تان حيدرآباد کان ايندڙ مزدا ٽرڪ نمبر kp.3086 کي روڪي تلاشي ورتي ته ان ۾ لکين روپين جي ماليت جي 30 عدد بيگ ڪٽا مين پڙي چورو جنهن جو وزن 900 عدد ڪلو گرام ۽ هڪ هزار تيار ٿيل مين پڙي برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي جڏهن ته مزدا کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو ۽ پوليس ترجمان مطابق مزدا ٽرڪ ۾ سوار مين پڙي جورو مال سپلائي ڪندڙ ڪارندي محمد وسيم يوسفزئي ولد محمد سليم يوسفزئي پٺاڻ جنهن جو تعلق حيدرآباد جو ٻڌايو پيو وڃي جنهن کي گرفتار ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جوابدار گرفتار تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي

ٻقايا سنڌيار 32

۾ گهڙي پيچ ڏاڍ ڪري پيتين پيل سونا زيور، ڪپڙا 30 هزار روپيه روڪ کڻڻ بعد گهر ڌڻي عاشق شاهه کي تشدد جو نشانو بڻائي موبائيلن ۾ کڻي کڻي ويا سهٽل شاهه ڏانهن ڪندي چيو ته پيچ سوبر شڪارپور پوليس جون 30 کان وڌيڪ موبائيلن ۾ موجود اهلڪار عاشق شاهه جي گهر کي گهيرو ڪري گهر ۾ داخل ٿيا ۽ گهر ۾ پيل پيتين جا تالا ٽوڙي عيد جي ڪپڙن لاءِ رکيل 30 هزار روڪ، هڪ تولي جون سونين جهمڪين ۽ ٻيو سامان کڻڻ بعد عاشق شاهه کي کڻي کڻي ويا آهن عاشق شاهه ڀٽو اسٽيٽ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي باغ تي مزدوري ڪندو آهي هنن مطالبو ڪيو ته انصاف ڪري عاشق شاهه کي آزاد ڪرائي روڪ رقم ۽ سونا زيور واپس ڪرائي ڏين ۽ بنا جواز ڇاپو هڻندڙ پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٻقايا سنڌيار 33

هڪ ڄڻو قتل، خبرموجب ،خانپورمهر لڳ عادلپور ٿاڻي جي حد منڊوءِ اسٽاپ پرسان نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ڳوٺائي کي قتل ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي عادلپور پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي گهوٽڪي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او عادلپور ظهير ڀٽو ٻڌايو ته واقعو پراڻي سڱاوتي تڪرار تان پيش آيو آهي، مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ وارولند جي رهواسي 55 سالن جي گلاب ملڪ طور ٿي آهي،مقتول عادلپور کان خانپورمهر وڃي رهيو هو ته ڪيس گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي، وڌيڪ معاملي کي رهيا آهيون، هوڏانهن مقتول جو لاش گهوٽڪي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي.

ٻقايا سنڌيار 34

ويجهو بدين روڊ پرسان ڳوٺ حسين پارڻ جو رهواسي پوليس رٽائرملازم علي محمد پارڻ سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي ٽريزري انتظاميه خلاف سخت احتجاج ڪندي صحافين اڳيان داهيندي چيو ته مان پوليس رٽائر ملازم 5 فيبروري 2023 ۾ تي رٽائرڊ ٿي ويو آهيان گذريل هڪ سال کان پينشن فنڊ، جي پي فنڊ ۽ رٽائرمينٽ جي پئيسن لاءِ ٽريزري آفيس سجاول جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهيان عملي پاران مختلف طريقن سان رلايو پيو وڃي ۽ عملي توڙي آفيسرن پاران پرسنٽيج رشوت طلب ڪيو وڃي ٿو نه ڏيڻ تي مختلف بهانا بڻايو ويندا آهن ۽ جيڪي رشوت ڏين ٿا ته انهن کي جلد پيئسه ڏيو ڇڏين ٿا هن چيو ته مون حق حلال جي ڊيوٽي ڪري رٽائرڊ ٿيا آهيون ۽ جو پنهنجي حق حلال جي روزي جا پيئسه رشوت ۾ ڏيون هن وزيراعلي سنڌ، چيف جسٽس آف پاڪستان سميت ٻين وسوارن کي مطالبو ڪيو آهي ته ٽريزري آفيس سجاول جي ڪرپٽ عملي ۽ ملوث آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 35

لاءِ 10 اميدوارن ڪاغذات نامزدگي فارم جمع ڪرائي چڪا آهن جنهن ۾ پيپلز پارٽي ۽ جي يو آءِ جي 4 – 4 اميدوارن، جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي هڪ هڪ اميدوار پنهنجا ڪاغذات نامزدگي فارم جمع ڪرائي چڪا آهن ڪاغذات نامزدگي فارم جمع ڪرائيندڙ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوارن خورشيد احمد جونيجو، بلند جونيجو، غلام محمد اسران، عامر ڳرگياني شامل آهن جڏهن ته جي يو آءِ جي اميدوارن ۾ مولانا راشد محمود سومرو، مولانا ناصر محمود سومرو، عذير گل جاگيراڻي ۽ منير احمد پنهور شامل هوڏانهن جمعيت علماءِ پاڪستان جي جاويد ٽڳڙ ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي محمد علي بروهي به پنهنجا ڪاغذات نامزدگي جمع ڪرائي ڇڏيا آهن جڏهن ته اڄ 19 مارچ کان 21 مارچ تائين جمع ٿيل نامزدگي فارمن جي جانچ پڙتال ڪري ناڪافائيل ڪيا ويندا ياد رهي ته قومي تڪ اين اي 196 قمبر شهدادڪوٽ ون تان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري دستبردار ٿي خالي ڪئي هئي.

ٻقايا سنڌيار 36

اليڪشن وڙهندڙ ڊيرو رسول بخش جاکرو پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو آهي. جڏهن ته. ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارا مهانگائي کي ضابطي آڻڻ ۾ مڪمل طور ناڪام بڻيل آهن. پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي وارن جو وجود نظر نٿو اچي. هن چيو ته ٺٽي ۾ بجلي ۽ گئس جي 12 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ شهرين جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. ٺٽي ضلعي ۾ بنيادي سهولتن جهڙوڪ صحت ۽ تعليم ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي وڏي کوٽ آهي. ٺٽي ضلعي ۾ اسڪولن جون عمارتون تباهه حال بڻيل آهن. معصوم ٻارڙن جون زندگيون خطري هيٺ آهن هن چيو ته ڪوهستان ۾ مقامي ماڻهن جا ڳوٺ ريگيولرائيز نه ڪيا ويا آهن. جڏهن ته. ونڊ پاور پراجيڪٽ وارا مقامي ماڻهن کي ڪوبه روزگار ۽ سهولتون ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. ڪوهستان جي هڪ لک ايڪڙ زمين ونڊ ڪمپنين حوالي ڪئي وئي آهي. جيڪي بجلي پيدا ڪري رهيون آهن پر ٺٽي واسي 14 کان 16 ڪلاڪ بجليءَ جي لوڊشيڊنگ کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻيل آهن. هن وزيراعظم ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سڄي سنڌ سميت ٺٽي ضلعي کي به رليف فراهم ڪيو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 37

وٺي جنهن ۾ صوبائي صدر خادم حسين مستوئي ميڊيا ڪوارڊينيٽر اعجاز سمتاڻي ضلعي صدر اشرف قريشي يونٽ صدر محمد سعود بوهيو ۽ ٻين چونڊيل ڪابينا کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ گلن جي مالها پيش ڪئي ان موقعي تي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو PMA ضلع نوشهروفيروز جي صدر ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر سينئر نائب صدر ڊاڪٽر عارف مشتاق بوهيو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو ۽ ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي خطاب ڪندي چيو ته تنظيم جو مقصد فلاح ۽ بهبود هجي تو جيڪي تنظيمون ذاتي مقصدن جي حصول لاءِ ڪم ڪيون اهي ٿوري وقت ۾ ختم ٿي وڃن ٿيون انڪري موجوده ڪابينه کي انسانذات جي خدمت لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو جيڪڏهن ائين نه ٿيندو ته مسئلن ۾ اضافو ٿيندو ۽ ڪوبه ڊاڪٽر محفوظ نه رهندو اڳواڻن چيو ته ڊاڪٽر ۽ پيراميڊيڪل عملو هڪ گهر جي ڀاتين مثل آهيون انکري ننڍن کي وڏن جو احترام ۽ وڏن کي ننڍن سان سهڻي شفقت وارو رويو رکڻ گهرجي ائين ڪرڻ سان سهڻي مسئلا خوش اسلوبيءَ سان حل ٿي ويندا

ٻقايا سنڌيار 38

هڪ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي دوائز هولڊر اختيار اوڏ کي گرفتار ڪيو، گرفتار جوابدار مٿان سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو، ڪيس ۾ ڄاڻايو ويو ته مذڪوره جوابدار مستحق عورتن جي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام واري آيل وظيفي مان هڪ هزار رپيا ڪٽوتي ڪري رهيو هو، ذريعن موجب محرابپور پوليس دوائز هولڊر هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري خانا پوري ڪئي آهي، شهر جي مختلف علائقن ۾ پڻ مستحق عورتن جي وظيفي مان دوائز هولڊرن پاران ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي، جن دوائز هولڊرن خلاف پوليس اڃا تائين ڪابه ڪارروائي نه ڪئي آهي، هتان جي رهواسين مطالبو ڪيو ته مستحق عورتن جي آيل وظيفي مان ڪٽوتي ڪندڙ سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 39

اهم گڏجاڻي ٿي گذري سخي عبدالوهاب المعروف سچل سرمست رح جو ساليانو 203 هون عرس مبارڪ 14 رمضان تي ٿيندو ان سلسلي ۾ انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان اهم اجلاس درگاهه پرسان محفل سماع هال ۾ چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ چادر چاڙهڻ جي رسم واري تقريب، محفل سماع، ايوارڊ تقريب، مشاعري، سگهڙ ۽ ادبي ڪانفرنس سميت ملاڪڙي ۽ ٻين انتظامن جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي سنڌس پاءِ خواجا نظر الحق فاروقي، سيڪريٽري يادگار ڪاميٽي اديب مختيار ملڪ، لال بخش منگي، نانڪ رام، اڪبر شاهاڻي، ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، صوفي ياسين راڄپر، حيدرار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه، اسسٽنٽ ڪمشنر سيد محمد علي شاهه، سگهڙ اڳواڻ خليل الرحمن مهيسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر گل بهار ناريجو، نديم پٺاڻ سميت سٽن ٿي تعلقن جي اي سيز سميت ٻين لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن جي آفيسرن توڙي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه چيو ته سچل سرمست جو پيغام امن، محبت، ڀائپي، برداشت ۽ انسانيت جو پيغام آهي عرس مبارڪ تي صفائي سترائي، اسٽريٽ لائٽ، پيئڻ جو صاف پاڻي، سي سي ٽي وي ڪئمرائون سيڪيورٽي پلان تي فوڪس ڪيو ويندو سمورا لاڳاپيل کاتا گڏجي رٿابندي تحت ڪم ڪرڻ سان گڏ اڳ کان بهتر انتظامات ڪيا ويندا. ڊي سي خيرپور ڊي ايڇ او کي هدايت ڪئي ته ريسڪيو 1122 ايمبولينس سميت ٻين اپائن تي ڌيان ڏنو وڃي. درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي چيو ته عرس مبارڪ دوران پانڌيئڙن کي سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. عرس مبارڪ تي سگهڙ ڪانفرنس جا مسئلا حل ڪيا وڃن. پيئڻ جو صاف پاڻي، ڊسپنسري ۾ ڊاڪٽرز مقرر ڪيا وڃن ايمرجنسي لاءِ مضبوط رٿابندي تحت ڪم ڪيو وڃي هن چيو ته درگاهه سان لاڳاپيل ماڻهن سميت، اديبن، سگهڙن ۽ ٻين کي آن بورڊ رکيو وڃي ايس ايس پي خيرپور جي نمائندي انچارج ڊي آءِ بي علي گل ملاح ٻڌايو ته حضرت سچل سرمست رح جو عرس مبارڪ سندن ياد لاءِ آهي ان سلسلي ۾ بسٽرڪٽ پوليس پاران فول پروف انتظام ڪيا ويندا. پارڪنگ سميت ٻين اپائن تي عملدرآمد ڪيو ويندو جڏهن ته عرس مبارڪ جي موقعي تي 1000 هزار پوليس آفيسر سميت اهلڪار ڊيوٽيون ڪندا جڏهن ته سي سي ٽي وي ڪيمرائن تحت پڻ نگراني ڪئي ويندي. اجلاس ۾ گڏيل طور فيصلو ڪيو ويو ته هن سال ۾ حضرت سچل سرمست رح جو ساليانو 203 هون عرس مبارڪ ڀرپور نموني سان ملهايو ويندو، سيڪيورٽي جي فول پروف انتظام ڪيا ويندا، پانڌيئڙن لاءِ سموريون سهولتون فراهم ڪيون وينديون، سي سي ٽي وي ڪيمرائون فعال رکيون، پوليس پڪٽون، صفائي سترائي، پيئڻ جي پاڻي، مسافر خاني ۾ سهولتون، پانڌيئڙن لاءِ ڊسپنسريون، ميڊيڪل ڪئمپ، سگهڙ، ادبي، ڪانفرنس، مشاعري، نمائش سميت ٻين پروگرام جو تفصيل سان جائزو وٺي بهتر کان بهتر انتظام ڪرڻ تي زور ڀريو ويو. چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي سيد احمد فواد شاهه. درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي سنڌس پاءِ خواجا نظر الحق فاروقي، سيڪريٽري يادگار ڪاميٽي اديب مختيار ملڪ، لال بخش منگي، نانڪ رام، اڪبر شاهاڻي، ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، صوفي ياسين راڄپر، حيدرار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي مزار تي حاضري ڀري دعا ڪئي.

ٻقايا سنڌيار 40

خان جي چارج سنڀالي ورتي ايس ايس پي سيد امدادشاهه جي تنڊو محمد خان پهچڻ تي ڪيس خصوصي پوليس پاران چاڪ ۽ چوبند دستي سان سلامي ڏئي استقبال ڪيو ويو ايس ايس پي سيد امداد شاهه چارج سنڀاليندي سنڌس صدارت هيٺ تمام ڊي ايس پيز ايس ايڇ اوز ۽ هيڊ برانچ سان ڪرائيم ميٽنگ ڪوٺائي ڪارڪردگي ۽ ڪرائيم بابت جائزو پڻ ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي سيد امداد علي شاهه 17 مارچ 2024 تي ضلعي جي چارج سنڀاليندي ضلعي جي تمام ڊي ايس پيز ايس ايڇ اوز ۽ مددگار 15 انچارج ۽ چوڪي انچارجن سان ايس ايس پي آفيس تنڊومحمد خان ۾ تعارفي ۽ جرائيم ومنشيات جي روڪٿام جي حوالي سان پڻ ميٽنگ ڪئي وئي ان موقعي تي ايس ايس پي تنڊومحمدخان سيد امداد شاهه پاران حڪم جاري ڪندي چيو ته ضلعي اندر جرائم ڪندڙ پيشي وارن مجرمن منشيات فروشن مين پڙي ۽ گٽڪي ڊيلرن جي خلاف تيزي سان ڪريڪ ڊائون جاري رکي وڃي ۽ ڪين گرفتار ڪري ضلعي اندرامن امان بحال ڪيو وڃي ميٽنگ دوران تمام ايس ايڇ اوز جي ڪارڪردگي جو الڳ الڳ جائزو ورتو ويو ۽ سختي سان ايس ايس پي پاران هدايت جاري ڪئي وئي ته منشيات جي ڪوبه ڪمپرومائيز ناهي چرس آفيم مين پڙي گٽڪو ديسي شراب فروشن جي خلاف ڪارروائي جو حڪم جاري ڪيو ويو ايس ايس پي سيد امداد شاهه پاران تنڊو محمد خان ۾ ميٽنگ دوران وڌيڪ چيو ته مجرم چاهي ڪيترو به چالاڪ چونه هجي ان کي پيشي وراڻ صلاحيتن کي اجاگر ڪري ناممڪن کي ممڪن بنائي سگهجي ٿو ۽ ان جي گرفتاري جي لاءِ نيڪ نيتي ۽ پيشه وراڻ صلاحيتن کي برقرار بنائي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي ان چيو ته ٿاڻن تي ايندڙ سائلين سان بهتر سلوڪ اختيار ڪيوڃي ان جي عزت ۽ نفس جو خيال رکيو وڃي ۽ انهن جا مسئلا ٻڌي فورن حل ڪيا وڃن ۽ انصاف جي فراهمي کي يقيني بنائي مظلومن جي دادرسي ڪئي وڃي ۽ ضلعي اندر تمام آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي پنهنجي پنهنجي علائقي اندر موثر حڪمت عملي سان سنيپ چيڪنگ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سٺي ڪارڪردگي وارن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي ايس ايس پي سيد امداد شاهه پاران آفيس ورڪنگ جو جائزو وٺڻ لاءِ آفيس جي مختلف سيڪشنز ۽ برانچ جو معائنو ڪيو ۽ انچارج ۽ پوليس اسٽاف کان معلومات پڻ ورتي

ٻقايا سنڌيار 41

صالح شاهه ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ دبي مان سيد عباس شاهه جي گهر مان رات جو چور مينهون چوري ڪري ويا ڪوجي ڪتي جي مدد سان پيرا ڪڍيا پيرا ڳوٺ چنراٽ ۾ لڳو ته اڳوات تعاقب ۾ ويٺل فاروقي جي ماڻهن حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ سيدن جا 6 ماڻهو مرڻينگ ڪيا ويا ۽ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو اسان پرامن آهيون چوري به اسان جي ٿي ۽ حملي ۾ ماڻهو به اسان جو ماريو ويو 5 زخمي ڪياويا، پوليس رڳوهٿ تي هٿ رکي ويٺل آهي، سيد هميشه دعاڳو رهيو آهي ۽ رهندو، اگر فاروقي وٽ مينهن نه هئي ته ان جو ٻيو طريقو موجود هيو ته هو ڳالهيون ڪري مهلت وٺن ها يا ٻڌائين ها ته مينهن ڪنهن وٽ آهي اهو ڪو به طريقو نه آهي پيرا ڪٽي ايندڙن مٿان لٺين، ڪهاڙين سان حملا ڪري ماڻهون مارين ۽ زخمي ڪن. اسان پوليس مان اميد رکون ٿا ته پوليس فاروقي کي گرفتار ڪندي ۽ سيدن سان انصاف ڪندي، اسان جو معزز سيد اسماعيل شاهه ماريو ويو آهي جيڪو شهيد ۽ زخمي غازي آهي، هميشه سيدن مٿان ظلم ۽ تشدد ٿيو آهي جنهن جي تاريخ شهادت آهي پران باوجود اسان امن ۽ ڀائيچاري جا خواهش مند آهيون ۽ اڳتي به رهنداسين، اسان سنڌ جي وڏي وزير آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري سيد مٿان حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين قانون موجب سزا ڏئي سيدن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 42

جو ڪارڊ توڙي چڙهيو سبزين، فروٽ، اٽي، مڇي، دالين، کاچري آئل سميت ٻين کاڌي پيتي جي سمورن شين جا اگهه چوٽ چڙهيل ٻنون ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ انتظاميا کي به قدر نه ڪيا. شهرين ۽ سڄاڻ حلقن طرفان مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف ڏيڻ جو مطالبو تفصيل موجب رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ سجاول ضلعي جي شهر دڙو ۽ پرپاسي جي ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ مهانگائي جو جن ٻوتل مان ٻاهر نڪري آيو آهي. شهر ۾ منافعي بخش واپارين کاڌي پيتي جو سامان ذخيرو ڪرڻ سان گڏ مهانگائي چوٽ چاڙهي ڇڏي آهي. جنهن سبب ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت ۽ محنت ڪش طبقو عام روزمره جي استعمال واريون شيون خريد ڪرڻ ڪان محروم ٿي ويو آهي. گڏ ڪيل ڄاڻ موجب ٽماٽا، مرچ، پاڪرو گوشت، پيبندي، ڏاٿا، صوف، موسمبين، هنداڻون، گدرو، بصر، توريون، ليمان، گوبي، پاچي، اٽو عام ڪاچرو آئل، دالين، ڪيلا، کنڊ سميت ٻين شين جا اگهه آسمان تي چوٽ چڙهيل ويا آهن دڙو شهر ۾ رڪارڊ مهانگائي سبب عام غريب ماڻهو مڇي، گوشت ۽ مرغي خريد ڪري کائڻ جي سگهه ته اڳ ۾ وڃائي ويٺو آهي. پر هاڻي سبزي خريد ڪرڻ کان پڻ قاصر بڻيل آهي. جڏهن ته کاڌي پيتي جي شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سجاول ضلعي جي انتظاميا توڙي اي سي ۽ مختيارڪار ميرپوربٺورو اڃا تائين ڪي به قدم ناهن کنيا. جنهن سبب رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ غريب ۽ مسڪين طبقو مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. دڙو جي شهرين ۽ سڄاڻ حلقن اعجاز اختر ميمڻ، اقبال سومرو، علي رضا ڪچي، اسلم سومرو، جاويد ميمڻ ۽ ٻين وڌندڙ مهانگائي بابت ڳالهائيندي چيو ته رمضان شريف جي مهيني ۾ مهانگائي غريبن جي چيل چمڙي ڪري ڇڏي آهي. مهانگائي سبب واپارين کاڌي پيتي جي شين جا اگهه چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن. جنهن سبب عام غريب ۽ ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ ماڻهو مهانگائي سبب هاڻي ماني جي ڳڀي لاءِ واجهائي رهيو آهي. هن چيو ته ٻنهي شهر ۾ قانون جي ڪابه عملداري ناهي جنهن کي جيئن اچي ٿو اهو پنهنجي مرضي جا اگهه وٺي رهيو آهي. کاڌي پيتي جي شين تان وڌيڪ اگهه وٺندڙ واپارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا جو ڪوبه متحرڪ ڪردار نظر نٿو اچي. هن چيو ته مهانگائي جي چڪي ۾ پيڙهيل عام شهري اڳ ئي مڇي، گوشت ۽ مرغي خريد ڪري کائڻ ڪان پري ٿيل آهي. پر هاڻي مهانگائي جي طوفان تباهي برپا سبب غريب ماڻهو هاڻي سبزي خريد ڪري کائڻ جي حالت ۾ نه رهيو آهي. هنن انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته دڙو ۽ پرپاسي جي ٻين شهرن ۾ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هنگامي اپاءَ وٺي غريب ماڻهن کي رليف ڏنو وڃي.

ٻقايا سنڌيار 43

اهم گڏجاڻي ٿي گذري سخي عبدالوهاب المعروف سچل سرمست رح جو ساليانو 203 هون عرس مبارڪ 14 رمضان تي ٿيندو ان سلسلي ۾ انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان اهم اجلاس درگاهه پرسان محفل سماع هال ۾ چيئرمين سچل يادگار ڪاميٽي ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ چادر چاڙهڻ جي رسم واري تقريب، محفل سماع، ايوارڊ تقريب، مشاعري، سگهڙ ۽ ادبي ڪانفرنس سميت ملاڪڙي ۽ ٻين انتظامن جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي سنڌس پاءِ خواجا نظر الحق فاروقي، سيڪريٽري يادگار ڪاميٽي اديب مختيار ملڪ، لال بخش منگي، نانڪ رام، اڪبر شاهاڻي، ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، صوفي ياسين راڄپر، حيدرار جاگيراڻي، ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه، اسسٽنٽ ڪمشنر سيد محمد علي شاهه، سگهڙ اڳواڻ خليل الرحمن مهيسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر گل بهار ناريجو، نديم پٺاڻ سميت سٽن ٿي تعلقن جي اي سيز سميت ٻين لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن جي آفيسرن توڙي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه چيو ته سچل سرمست جو پيغام امن، محبت، ڀائپي، برداشت ۽ انسانيت جو پيغام آهي عرس مبارڪ تي صفائي سترائي، اسٽريٽ لائٽ، پيئڻ جو صاف پاڻي، سي سي ٽي وي ڪئمرائون سيڪيورٽي پلان تي فوڪس ڪيو ويندو سمورا لاڳاپيل کاتا گڏجي رٿابندي تحت ڪم ڪرڻ سان گڏ اڳ کان بهتر انتظامات ڪيا ويندا. ڊي سي خيرپور ڊي ايڇ او کي هدايت ڪئي ته ريسڪيو 1122 ايمبولينس سميت ٻين اپائن تي ڌيان ڏنو وڃي. درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي چيو ته عرس مبارڪ دوران پانڌيئڙن کي سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. عرس مبارڪ تي سگهڙ ڪانفرنس جا مسئلا حل ڪيا وڃن. پيئڻ جو صاف پاڻي، ڊسپنسري ۾ ڊاڪٽرز مقرر ڪيا وڃن ايمرجنسي لاءِ مضبوط رٿابندي تحت ڪم ڪيو وڃي هن چيو ته درگاهه سان لاڳاپيل ماڻهن سميت، اديبن، سگهڙن ۽ ٻين کي آن بورڊ رکيو وڃي ايس ايس پي خيرپور جي نمائندي انچارج ڊي آءِ بي علي گل ملاح ٻڌايو ته حضرت سچل سرمست رح جو عرس مبارڪ سندن ياد لاءِ آهي ان سلسلي ۾ بسٽرڪٽ پوليس پاران فول پروف انتظام ڪيا ويندا. پارڪنگ سميت ٻين اپائن تي عملدرآمد ڪيو ويندو جڏهن ته عرس مبارڪ جي موقعي تي 1000 هزار پوليس آفيسر سميت اهلڪار ڊيوٽيون ڪندا جڏهن ته سي سي ٽي وي ڪيمرائن تحت پڻ نگراني ڪئي ويندي. اجلاس ۾ گڏيل طور فيصلو ڪيو ويو ته هن سال ۾ حضرت سچل سرمست رح جو ساليانو 203 هون عرس مبارڪ ڀرپور نموني سان ملهايو ويندو، سيڪيورٽي جي فول پروف انتظام ڪيا ويندا.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com